# وندر ۾ ورلاپ

مُحمّد جُمّن هالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر

# محمد جمن هالو

# ونڊر ۾ ورلاپ

مرتب

## اصغر هالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مالڪيءَ جا سمورا حق محفوظ

ڪتاب جو نالو ــــــــــ ونڌر ميوو رلاپ

موضوع ــــــــــ شاعري

شاعر ــــــــــ محمد جمن هالو

مرتب ۽ ڇپائيندڙ ــــــــــ اصغر هالو

صلاحڪار: گهر سروري، علي محمد رامدي، علي محمد ذوق

ڇپجڻ جو سال ــــــــــ مارچ ١٩٩١ع مطابق شعبان ١١٤١ھ

ڳاڻيٽو ــــــــــ هڪ هزار

ڇاپو ــــــــــ پهريون

ڪور ڊزائن ۽ ڇپيندڙ مڪي، سي آرٽ پرنٽرس

ڪمپوزنگ شاعري: (١) پبليشرس يونائيٽڊ. ڪراچي

نثر (٢) قاضي پريس. لياري. ڪراچي

ملڻ جو ڏس

جنرل سڪريٽري

بزم طالب المولى

هالو پلازا

شاهه عبداللطيف ڀٽائي روڊ

لياري. ڪراچي سنڌ

| | |
|---|---|
| ملهه | 60 روپيه |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محمد جمن هالو

تاريخ ولادت:ــ ٢٢ فيبروري ١٩١١ع
تاريخ رحلت:ــ ٢٤ آگسٽ ١٩٧٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اصغر هالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳولهيان ڳولهيان م لهان

محترم اصغر هالو پاڪستان نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ مون سان گڏ نوڪري ڪندو آهي. جهڙا ڪانو تهڙا ٻچا جي مثال مطابق اصغر هالو به پنهنجي والد صاحب مرحوم محمد جمن احمد هالي وانگر علم و ادب سان ٿمتار ، مخلص، نيڪ دل، نيڪ سيرت ۽ خوش گفتار نوجوان آهي ۽ پاڻ به شاعريءَ جو شوق رکندو آهي. سنڌ جي سٺن مشاعرن ۾ اڪثر مدعو ڪيو ويندو آهي ٻئي هفتا ٿيندا جو اصغر هالو منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين ته هي بابا سائين محمد جمن هالي جو اڻڇپيل ڪلام آهي، جيڪو مرحوم ڇپرائي نه سگهيو، سو تنهن کي ڇپرائڻ جو ارادو ڪيو اٿم. توهان هي مسودو پڙهي تاثرات لکي ڏيو. سندس نيڪ ارادو ڏسي دل ۾ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ سوچيم ته جيڪڏهن اولاد نيڪ ۽ صالح آهي ته پوءِ پيءُ چونه زنده جاودان رهي. اصغر کي انهيءَ ڪاوش تي مبارڪون ڏنم، جيڪو پنهنجي والد جي روح کي راحت پهچائڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادب ۾ به واڌارو ڪري رهيو آهي.

پر تاثرات - پيش لفظ - مهاڳ يا مقدما کي پڙهيا ته ضرور هيم پر لکيا ڪين هيم، سو مان کيس عرض ڪيو ته سائين پڙهڻ ۽ لکڻ به جدا ڪم آهن، اسان ته ان ٽولي ۾ آهيون، جن لاءِ سرڪار شاهه لطيف فرمايو آهي:

”پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾“

سو سائين منهنجا هي لکڻ وارو ڪم ڪنهن وڏي عالم، وڏي اديب، وڏي شاعر يا ڪنهن وڏي ليکڪ کان وٺو. پر اصغر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي هن سنڌ جي وڏي شهر ڪراچيءَ ۾ سنڌي لکڻ پڙهڻ ته مشڪل پر ڳالهائي به ڪونه ويندي آهي، توڙي جو سنڌ جا سڀئي وڏا ماڻهو ٻارين ٻچين ڪراچيءَ ۾ پنهنجن وڏن بنگلن ۾ رهندا آهن، پر افسوس جو اهي اڪثريت ۾ پنهنجن ٻارن سان گهرن ۾ ڌارين ٻولين ۾ ڳالهائيندا آهن، پر هن قومي غيرت رکندڙ انسان غريبي حال ۾ ڪراچي جي شهر ۾ سنڌي مشاعرا ۽ سنڌي انجمنون قائم ڪري سنڌ جي وڏي خدمت انجام ڏني آهي، جيڪو حقيقت ۾ وڏو ماڻهو آهي خدا ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي آمين.

سنڌي مجهن تي به وڏو ناز اٿس.

"لوهه لکئي جي لهڪ متائي، بخت بنائي ويندا سين"

محشر ۾ جي ذات پڇيائون، سنڌي سڏائي ويندا سين

ڪراچي

فيبروري - ۱۹۹۱

خيرانديش و دعاگو

قاضي محمد اشرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”لارون لارون لڙڪ وهن“

شاعري تخيل ۽ جذبات جي پيداوار آهي. اها علم ۽ حڪمت سان پيدا نٿي ڪري سگهجي. ان ۾ شڪ نه آهي ته شعر جي تخليق ۾ تخيل يا قوت خيال جو وڏو هٿ آهي. انساني طبع، قصا، آکاڻين ۽ خيالي ڳالهين سان فطرتاً ۽ قدرتاً متاثر ٿئي ٿي. ان لاءِ شعر کي پسند ڪري ٿي. ڪجهه ماڻهو هر انهيءَ ڪلام کي شعر سان تعبير ڪن ٿا، جنهن سان قلب متاثر ٿئي. اهو ضروري ڪونهي ته اهو ڪلام نظم ۾ ئي هجي. شاعر جو تخيل ڇو جو محدود نٿو هجي ان لاءِ شاعري جو ميدان لامتناهي آهي. تخيل علم ۽ تجربي ۽ حڪمت ۽ فلسفي سان وڌي ٿو. اهو ضروري نه آهي ته شاعر ڪتابن مان علم حاصل ڪري. دنيا ۾ هر شاعر عالم نٿو هجي ۽ هر عالم شاعر نٿو ٿي سگهي. ہر شاعر صحيفهٔ قدرت کان معلومات حاصل ڪري تخيل کي ڪلا بخشي ٿو. اهائي وجه آهي ته شهري ۽ ٻهراڙي جي شاعرن جي ڪلام ۾ وڏو فرق آهي. ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ شاعر پنهنجي تخيل جي آبياري، مناظر قدرت مان جي تخيل ۾ سادگي، بي ساختگي، دلڪشي ۽ نکار هوندو آهي. ان جي برعڪس شهري شعراء جو تخيل ڪتابي علوم تي مشتمل هوندو آهي. انهن جي تخيل ۾ باريڪيون، تڪلف ۽ تردد جو رنگ نمايان هوندو آهي. تخيل جو دامن ايترو وسيع آهي جو هو سڄي ڪائنات تي محيط آهي. تخيل جو خزانو قيامت تائين ختم ٿي نٿو سگهي مگر شرط اهو آهي ته شاعر ان جي استعمال جي پوري پوري صلاحيت رکندو هجي.

”ونڊر ۾ ورلاپ“ نه سنڌ جي ٻهراڙي مان ايرندڙ هڪ اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوامي شاعر جو چوٿون مجموعہ ڪلام آهي، جنهن پنهنجي زبان جي سادگي، بيان جي شوخي، خيال جي ندرت ۽ جذبات جي بلندي ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

"ونڊر ۾ ورلاپ" منهنجي والد مرحوم "محمد جمن هالي" جو "ڪلام هالو فقير" (١٩٣٤)، "ڪلام هالو فقير" (١٩٤٣) ۽ "سوز عشق" (١٩٦٣) کان پوءِ جو مجموعہ ڪلام آهي. هي مجموعو سندن حمد، نعت، مرثيہ، سلام، صوفي ڪلام ۽ ڪافين تي مشتمل آهي، جيڪي پاڻ ١٩٦٣ کان سندن رحلت يعني آگسٽ ١٩٧٧ تائين تخيل هيٺ آندائون. اشاعت ۾ تاخير ڇاڻي واڻي نہ پر چند ذاتي وجوهات جي ڪري ٿي آهي. خيال هو تہ ڪي ادبي حلقا شايد اڳيان ايندا ۽ هن ادبي ذميواري کان عهده براءِ ٿيڻ ۾ هٿ ونڊائيندا. مگر ڪٿان بہ همٿ افزائي نہ ٿي، تنهن ڪري:

گهڙيا سي ڇڙهيا، انين اٿيئي،
مٺي مٿي مهراڻ ۾، پٺو تپو ڏيئي،
نہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاه سين.

(شاہ)

١٩٧٧ کان ٿي هن ملڪ پاڪستان ۾ خصوصاً سنڌ جون حالتون تمام اڳريون پر تشدد ۽ غير يقيني ٿي ويون، ڪوبہ ڪم يڪسوئي سان نٿو ڪري سگهجي. مگر هن باري تعالى جا لک لائق ۽ ڪروڙين ڪرم آهن جو هن هي بارگران هن ناتوان ڪلهن تي کڻڻ جي طاقت عطا ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحبت سپرين جي چڻ چنڊ جي چانڊاڻ
گلن جي سرهاڻ، وڙهي ويئي جان کي

(ڪلهاڻ آڏوائي)

آئون آخر ۾ پنهنجي بزرگ ۽ جنرل سيڪريٽري بزم طالب المولي ڪراچي ۽ جناب گوهر سروري صاحب جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن پيرسني ۾ پنهنجو ڀرپور تعاون ڪيو. پاڻ منهنجي والد مرحوم سان نيڪ دوستي جو حق ادا ڪيو اٿن. هن دؤر ۾ اهڙا پرخلوص ۽ بي لوث ماڻهو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڃي بچيا آهن. الله تعاليٰ کين اجر ڏيندو.

آتڻ اورانگي ويا، اڳي مون افسوس
ديواني سين دوس، ساٿي آهي سچ ۾

آئون پنهنجي محترم دوست قاضي محمد اشرف صاحب جو انتهائي مشڪور آهيان، جنهن پنهنجين مصروفيات مان وقت ڪڍي وندر ۾ ورلاپ لاءِ تبصرو لکيو. هن ڪتاب جي تزئين و آرائش ۽ طباعت جي دشوار گذار مراحل ۾ مون سان جن به دوستن قرب ڪيو آهي، ڏني در ملتمس آهيان ته کين هرڪنهن ڏکي ويل ڪان پاسيرو رکي. (آمين).

هٿ پريان جي هٿ ۾، ٻئي کي ڏج م ٻانهن،
سندي ڪپر ڏانهن، ڪ تو ڪنين نه سٽي. (شاه)

مهرباني

ڪراچي
فيبروري - ١٩٩١

اصغر هالو
صدر
بزم طالب المولي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي جا پرياٽ سا ماڪ نہ پاٽئيو ماڻهوئا
روئـي چڙهـي راتِ، ڏسـي ڏکـوين کـي
(مخدوم نوح رح)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حمد

آسمانن جو ڌڻي
تون ڌڻي ڪون و مڪان جو
تون چنڊ تارن جو ڌڻي
تون نظارن جو ڌڻي

تون مڪي معظم جو مالڪ
تون مديني جو ڌڻي
تون ڌڻي عرفات جو
۽ تون منارن جو ڌڻي

سڀ نديون نالا ۽ نهرون
تون سمونڊن جي ڪنن جو
تنهنجي وس ۾ يا ڪريم
۽ ڪنارن جو ڌڻي

تو گلن ۾ رنگ چاڙهيو
تي خزان تابع آ تنهنجي
خاص ڪا خوشبوءِ وجهي
تون بهارن جو ڌڻي

تون ئي آهين ڏن داتا
تو سوا ڪونهي ڪنهي ڪو
تون غني ۽ تون امير
يار يارن جو ڌڻي

چنڊ جو چهرو ڏسان
تون حسين بلڪل حسين
يا طور جي تجلي ڏسان
۽ حسن وارن جو ڌڻي

تون ڍڪين پرلا تہ ڍڪجن
تون گنهہ گارن جو ڌڻي
عيب عالم جا سڀني
۽ نيڪ وڪارن جو ڌڻي

سڀ تڳن تاري ٿا تنهنجي
منڊ ماڪيءَ جو ڌڻي
تو سوا ڪوهي ٻيو
تون آبشارن جو ڌڻي

تون ڌڻي ايمان جو
تو ثناھر سورھ ۾
۽ تون ڌڻي قرآن جو
۽ تون سيپارن جو ڌڻي

ڪڪ ڪان ڏس لک تائين
ڪير آهي جو چوي
هالا سڀ هنجو اٿني
آهيان هزارن جو ڌڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " حمد باري تعاليٰ "

غالبن تي تون ئي غالب
تنهنجي در جا سب فقير
شهنشاهه دنيا جا سب
۽ بياوري تن جا وزير

خلق کي خلقي وڌو تو
خلق تي احسان ڪيو
۽ هدايت کاڻ نازل
تو وري قرآن ڪيو
علم جي عرفان سان
افضل گهڻو انسان ڪيو
تاقيامت تو تڙي
بدنام آ شيطان ڪيو
يا خدا تنهنجون ڀلايون
ٿيون برابر بي حساب
مهربانيون مهربانيون
تنهنجا تورا لا جواب

پٽ پيري ۽ ٻڌني
معمار مکي جو ڪري
پي ۽ پيو ديوار ناهي
پٽ مٽي ۽ ٻڪڙا ڀري
بني نبي نرمل خدا جا
نور پيو منهن مان ٻري
گهر خدا جو راس ٿي ويو
سر اڇيو سڀڪو ڏري
رحمتون نازل ٿيون
آهن خدا جي گهر مٿان
شهر ٿيو آباد سهڻو
سج واري ٻر مٿان

نوح جو طوفان آيو
ملڪ ٻي سارو ٻڏو
غرق ٿي مخلوق ساري
نـه رهيو توري تڏو
کاڻ جي ٻيڙي ۽ چڙهيو
جوڙي جوڙي جو لڏو
يا خدا سب ڪنهن چيو ٿي
تون وڏو سب کان وڏو
لوط جي امت سڄي تو
غرق ڪئي زيرِ زمين
تون ئي عادل تون ئي فاضل
تون سچو آهين امين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمنہ جي گود ۾ آ رحمت اللعالمين
ڪونہ ٿيو ساري قبيلي ۾ وري اهڙو امين
ڪيئن جهڪائي ري خدا ڪنهن جي اڳيان پنهنجي جبين
آسمانن کان وڏاري شان واري هئي زمين
ياخدا جنهن کي تون چاهين سو امامت ٿو ڪري
ڏينهن قيامت ۾ سڀن جي سو شفاعت ٿو ڪري

ڏس حليمہ جي تہ ٻڪرين جو نبي ٻڪرار آ
پڻ تي پاڇو نہ ڪڏهين هي وڏو اسرار آ
پيشوا نبين سندو ازين سندو آذار آ
جو ڀڳو معراج تي سو احمدِ مختيار آ
انبياءَ ۾ سڀ ڪنا وڏ شان وارو هي نبي
پني جوي دنيا سجي قرآن وارو هي نبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر خدا جو ڪعبو آ — پيدا ٿيو حيدر علي
خود چيو مرسل مني — منهنجو تہ آ دلبر علي
ڪربلا جي قافلي جو — آ رکو سرور علي
عاشقن جي لاءِ آهي — هر جڳهہ حاضر علي
مومنن کي تاقيامت — ياد پيو ايندو حسين
امت نانا ولي — جنت اندر ويندو حسين

يا خدا سب راز آهي — تنهنجي قدرت جو قسم
تون تہ جاڻين جاڻ وارا — تنهنجي شفقت جو قسم
تہ ڪرين سب سان محبت تنهنجي محبت جو قسم
تہ رسائين روزي سب کي — تنهنجي رحمت جو قسم
يا خدا تنهنجو اسان کي — آ سرو آهي وڏو
تون وڏو بيشڪ وڏو — ، پيو ڪٿي ناهي وڏو

عرش تنهنجو فرش تنهنجو — تو سوا ڪونهي قديم
تون ئي هڪڙو تون ئي هڪڙو — تون ئي هڪڙو يا ڪريم
درد ڏيني درد لاهين — تون وڏو حاذق حڪيم
ڏي زبان هالي کي شيرين — يا خدا رک تون سليم
تہ کپي تنهنجو ڪرم — تنهنجي وڏائي تہ کپي
بحر ڏي بحرِ ڪرم — تنهنجي ڀلائي تہ کپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت "

خطائن ۾ عمر ساري
گذاريم يا رسول الله
ڪري قالو بليٰ جا قول
نه پاريم يا رسول الله

گناهن جو ڪري تڪيو
ستس آئون ننڊ غفلت ۾
انهي ارمان ۾ ڳوڙها
هاريم يا رسول الله

نباڳي نفس جي خاطر
وڃايم وقت عبادت جو
رڪوع سجدا نمازون سب
وساريم يا رسول الله

جڏهن سر تي اچي سختي
پڪاريان ٿو پرين توکي
اوهانکي ويل اوکيءَ ۾
پڪاريم يا رسول الله

هالي جي حال تي هردم
خدا راڪو ڪرم ڪريو
مدينی ڏي ڪٺي اکيون
نهاريم يا رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نعت

سدا توکي سنباريان پيو — پيارا يا رسول الله
پسابو پاڪ مون پجرو — پلارا يا رسول الله

نبي اول نبي آخر — نبي نورِ خدا آهيَ
نه تنهنجو جوڙ ڪو جڳ ۾ — سونهارا يا رسول الله

خدا جو خاص تون مهمان — خدا خود ميزبان تنهنجو
آهين تون ڪل نبين ۾ — نيارا يا رسول الله

مجسم آهين رحمت جو — ۽ رحمت جو دريا آهين
جهلي عاجز اچي بينا — ڪنارا يا رسول الله

يتيمن سان اٿني ياري — غريبن جو تو غم ڪائين
ڏکين جو آ ڏک توکي — دلارا يا رسول الله

ڪيو تو چنڊ ٻه ٽڪرا — اشاري ساڻ آڱر جي
وري ڪي قرب جا ڪريو — اشارا يا رسول الله

سونهارا سونهن تنهنجي تي — خدا خود پاڻ آ عاشق
اوهان جا عرش اعظم تي — نظارا يا رسول الله

هميشه آهي هالي جي — اها هڪ آس يا عربي
مرڻ کان اڳ ڏسان تنهنجا — منارا يا رسول الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نعت

اڄ مڪي جي شهر ۾ — بلغ العليٰ پيدا ٿيو
رازدان رازن سندو — ڪشف الدجيٰ پيدا ٿيو

تاج لولا کي ڪٿي — خيرالوريٰ پيدا ٿيو
خوش ٿيو اي مومنو — صلي عليٰ پيدا ٿيو

مسجدِ اقصيٰ اندر — جبرئيل جي پڙهڻ اذان
ٿي امامِ انبياء — هي انبياء پيدا ٿيو

آب و گل ۾ نور واري — هٿي خدا وٽ ابتري
جنهن منجهان محبوب منهنجو — مصطفيٰ پيدا ٿيو

پشت آدم جي منهجان — نمرود ڀي ورتو جنم
هر نبيءَ جي پشت مان — شهيدِ وفا پيدا ٿيو

چنڊ چوڏس ڪان وڏاري — سچ ڪان سهڻو گهڻو
آمنه جي گود ۾ — نورِ خدا پيدا ٿيو

دين عيسيٰ دين موسيٰ — دين دنيا جا پيا
دين احمد جو مگر — سڀ ڪان جدا پيدا ٿيو

رحمتون عالم جي لاءِ — مصطفيٰ آيو ڪٿي
ڪل ڪفارن جي نه ڏس — دل ۾ ذڪا پيدا ٿيو

خاص خلوت ۾ خدا سان — احمد مختيار لئي
نور جي لڪڙيءَ اندر — غار حرا پيدا ٿيو

دل ۾ درياء محبتن جو — جوليون هالا هٿي
عشق جي قنديل جو — دل ۾ شعا پيدا ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت "

خاص خدا جو يار محمد صلي الله عليه وسلم
نبين جو سردار محمد صلي الله عليه وسلم

مڙين جو مهندار محمد صلي الله عليه وسلم
سونهن ڀريو سردار محمد صلي الله عليه وسلم

تنهنجي خاطر منهنجي مالڪ ارض سما جو مونکي قسم
جوڙيو هي جنسار محمد صلي الله عليه وسلم

سڀ کان سونهارا سڀ جا پيارا سڀ کان ڀلارا سڀ جا سهارا
تنهنجا چارني يار محمد صلي الله عليه وسلم

هوندي نبين کي نفسي نفسي تون ٿي چوندين امتي امتي
لهندين سڀ جي سار محمد صلي الله عليه وسلم

محب منا معراج ڪيو تو واحد سان وصال ڪيو تو
داور جي دربار محمد صلي الله عليه وسلم

عرش برين تي عڪس اوهانجو نور سچو آ نفس اوهانجو
آهي عجب اسرار محمد صلي الله عليه مسلم

سڪ سچيءَ سان شال گهرايو ملڪ مدينو جلد پسايو
هالي کي هڪوار محمد صلي الله عليه وسلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نـــعـــت "

لا مڪان تنهنجو مڪان — اي يا محمد مصطفيٰ
ناهي ڪو ان ۾ گمان — اي يا محمد مصطفيٰ

نالو تنهنجو لوح قلم تي — نقش ٿيو سڀ کان اول
ٿيو خدا خود مهربان — اي يا محمد مصطفيٰ

پاره پاره ۾ پرين — تعريف تنهنجي بي حساب
ڪر ڏسي ڪولي قرآن — اي يا محمد مصطفيٰ

هو خدا موجود ليڪن — واٽ حق جي تو ڏسي
احسان مند سارو جهان — اي يا محمد مصطفيٰ

هر گهڙي هالا هتي ڏس — نعت جي هن رنگ ۾
پني سڏي منهنجي زبان — اي يا محمد مصطفيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت "

يا نبي او يا نبي
تنهنجو وسيلو تو کپي

تون نبي نورِ خدا
تون آهين خيرالوريٰ
توسان ڀلائي ڪني ڀلي
تنهنجو وسيلو تو کپي

تنهنجو گنبذ تو وٽي
هر ڪو اچيو هنڙا ڪٽي
نور پيو جنهن تي وسي
تنهنجو وسيلو تو کپي

تون ڏٺي معراج جو
تون ڏٺي هر ڏاج جو
تنهنجو حڪم هر جا رسي
تنهنجو وسيلو تو کپي

تون نبي آخر زمان
توکي ڏسي شل مان مران
منهنجي قبر شل ٿني اتي
تنهنجو وسيلو تو کپي

تون غريب امير جو
تون ئي هالي فقير جو
جو آهي تنهنجي ڀلي
تنهنجو وسيلو تو کپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## • نعت •

مڪي کان منهن کي موڙي — سبڏو مدبني وج
نانا سڀن سان ٽوڙي — سبڏو مدبني وج

ڪعبو آ گھر خدا جو — شيطان ڀي آ ويجھو
شيطان جي بت کي ٽوڙي — سبڏو مدبني وج

مائهو مڪي جا ڏاڍا — منهن جا رڪا ٿين ٿا
مونکي ڇيو ڪنهن ڀوڙهي — سبڏو مدبني وج

عرفات جي زمين تي — خطبو نبيؑ جو آخر
ان مان تہ ڪجھہ پروڙي — سبڏو مدبني وج

جنهن کي چون ٿا جنت — سوني مدينو آهي
پنهنجا تون خيمان کوڙي — سبڏو مدبني وج

احرام پنهنجي بت تي — پلجي اگر ڀڏو تو
نالي الله جي جوڙي — سبڏو مدبني وج

لاهڻ گناهہ وجين ٿو — وينر گناهہ چڙهن ٿا
من جي ڀياني ڀوڙي — سبڏو مدبني وج

محبوب جي جدائي — ڪنهن کي خدا نہ ڏي شل
ماريو نہ آ وجوڙي — سبڏو مدبني وج

عشقِ نبيؑ جي بارو — ٻني جڳ جڏيا اجهاري
جيءُ ۽ ڪا جاءِ جوڙي — سبڏو مدبني وج

آدم جي ذات جو ڏس — شيطان آهي دشمن
هر ڪنهن ٻنيان پيو ڊوڙي — سبڏو مدبني وج

هالا هي سنگِ اسود — ڪعبي جي ڪنڊ تي اج
جاهہ سانڻ جلد جوڙي — سبڏو مدبني وج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت "

مديني سان محبت منـي مصطفيٰ جي
فقط ان زمين تي آ جنت خدا جي

مديني جا ماڻهو اٺو نيڪ دل سڀ
سدا ڪن ٿا خدمت هو شاهه و گدا جي

مديني ۾ دل سان پڙهيون جن نمازون
ملي تن کي منزل فنا ۾ بقا جي

هي عيسيٰ ۽ موسيٰ هي يوسف سليمان
نبي سڀ آ امت خيرالوريٰ جي

درودن سان دل کي ڪري پاڪ جڏيو
ذڪر خود نبيءَ جو آ نعمت خدا جي

آدم ڪان اڳ ۾ هو ڪنڌيل هڪڙو
انهي منجهه تجلي حبيب خدا جي

خدا ۽ محمد جو ريجو جڏي وساري
ڏسو پوءِ صورت اتي انبيا جي

زمين سڀ زمين آ مدينو آ جنت
اتي جاءِ هالا آ جنت بقيا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت "

اگر نيڪ آهين تون بندو خدا جو
ذڪر رک زبان تي تون خير الوريٰ جو

زبان پنهنجي ڪلمي سان ڌوئي صفا ڪر
ڀلي نالو وٺ پو رسول خدا جو

مڪي منجهه مومن آ پوڄا پٿر جي
مديني ۾ روضو مٺي مصطفيٰ جو

نبي آهي اول نبي آهي آخر
ٻيو ڪوڙ سڀ آ قسم آ خدا جو

خدا جي خدائي اڌوري رهي ها
ٿئي گر نه پيدا علي مرتضيٰ جو

مٺي عرش عربي ڀلي آ ڀلي آ
هي ڪون و مڪان تو حبيب خدا جو

قيامت جو خطرو نه عيبن جو الڪو
اگر ساڻ آهي جي شافع شفا جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻلي چنڊ چمڪئي مٿي طور تجلي
اهو نور ظاهر ٿيو نقشِ پا جو

اٿي آزي ڪر تون اڃان وقت آهي
ٿيو بند ناهي اڃان در دعا جو

هي روزا نمازون سڀئي فرض آهن
سڄو مهينو آهي هي حمد و ثنا جو

پيو ڪونه پاڇو زمين تي هميشه
اهو معجزو آ رسولِ خدا جو

اکيون پوري سڀ کي نوازي جڏي نو
اهو رنگ آهي منهنجي دلربا جو

مونکي عشق احمد جو هالا هميشه
مليو آهي تحفو هي علم و عطا جو

## نعتيہ ڪــلام

قدرت رنگ الاهي وي   محمد جاني وڏيو نظارو

عرش فرش ء حورون پريون   خوش ٿي خلق خداني وي
صاف صنوبر نرگس سهڻو   سوسن منهجہ صفاني وي
ٿيو آ سودو عالم سارو   قدرت رنگ الاهي وي

قطب تارو نوري نظارو   هر هنڌ آهي شعاني وي
مندر اندر قعبو قبلو   بانگهي بانگهہ ٻڌاني وي
اسان ولهين جو وريو وارو   قدرت رنگ الاهي وي

رونق عرش عظيم نرالي   عالم عيد ملهاني وي
لطف لڪين آهن لالن ڪيڙا   رازق روزي رسائي وي
آهي عجيبن عرش اوتارو   قدرت رنگ الاهي وي

الف ميم هنئين ۾ هالا   ڪار نہ جاڻان ڪاني وي
ملڪ مدينو شال ڏسان مان   سڪ سيني منجهہ ساني وي
ڪلمون ڪلام پاڪ پيارو   قدرت رنگ الاهي وي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " نعت مسدس "

مصطفيٰ جي شان ڪي ذس خدا جي شان سان
دين سان ايمان سان الله جي قرآن سان

نور مان ذس ڪيئن ٿيو آ نور جو روشن ڏيو
يا نبي تنهنجي برابر ڪو نبي ناهي ٿيو
ڪل نبين کي يا نبي ذس ناز آ توتي ٿيو
تون ئي ختم الانبيا جبرئيل ٻي موٽي ويو
تون اسان عاصين جي لاءِ رحمت اللعالمين
تو قدم جيئن جيئن رکيو تيئن تيئن بڻي جنت زمين

پير ۾ پائي جتي تو عرش تي رکيو قدم
عرش ٻي ڪجهه دير لاءِ ٿي ويو ديرو حرم
راز هاڻي راز ناهي ۽ متي محفل گرم
ذس خدا سان روبرو مليو اچي شاهه امم
ڪيئن وهارين قرب سان محبوب کي آغوش ۾
ڪير ٿيو مدهوش يارو ڪير هو ات هوش ۾

دين جي شروعات ٿي غارِ حرا جي غار کان
رنگ محبوبي چڙهيو جبرئيل جي گفتار کان
۽ مڪي جو شهر خالي ٿي ويو ڪفار کان
مرد ٻه مسلم فقط هليا اچن بازار کان
آمنه جي لال جو هر شهر ۾ چرچو ٿيو
بت سڀني ڀڄندو وجي هو دين جي دولت ڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شان تنهنجي کي ڏسي — شاهه و گدا گهوري ڇڏيان
قافلو نبين جو سارو — اي منا گهوري ڇڏيان
بهشت مان ڪرني ورڻي — آدم حوا گهوري ڇڏيان
خوفِ خدا گر نه هجي — توتان خدا گهوري ڇڏيان
تنهنجي صورت کي ڏسي — ملڪن چيو پئي مرحبا
نور جا ٻاري ڏيا — فلڪن چيو پئي مرحبا

مير مجلس خود خدا — ۽ رونقِ محفل رسول
جت ذڪر حق جو ٿيو — آهي اتي شامل رسول
خضر جي دريا سندو — آهي ٻٽيو ساحل رسول
ڏينهن قيامت مومنو — آسان ڪندو مشڪل رسول
جنهن ڏسيو رستو خدا جو — سو مديني جو ڌڻي
رحمتون معراج مان — ٻاڪر ٻري آيو ڪٺي

عرش وارا عرش تي — هل ڏس خزانو عرش جو
عرش آ ديوانو تنهنجو — تون يگانو عرش جو
ڳجهه جو ڳالهائو ٿيندو — آهي ٻهانو عرش جو
ٻل پيو هالو لکي — سارو فسانو عرش جو
عرش جي احوال جي — ڪهڙي خبر انسان کي
گر يقين مون تي نه آ — ڪولي ڏسو قرآن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا خدا محبوب سان ۽ محبتون اهڙيون هجن
خاص ڪنهن خلوت اندر ۽ قربتون اهڙيون هجن
امت محبوب ني ٻي رحمتون اهڙيون هجن
دين ۽ ايمان ۾ ۽ برڪتون اهڙيون هجن
جي مديني ۾ رسون هيڏانهن وري شل نہ ورون
تنهنجي نالي سان جيون نالو وٺي تنهنجو مرون

آب ڪوثر سان سينو ڪيو صفا جبرئيل آ
ڪيو خزانو نور جو تنهن ۾ ٻپا جبرئيل آ
ساڻ ٻي پورو ڏنو هر جا ٻجا جبرئيل آ
سرورِ ڪو نين ني هردم فدا جبرئيل آ
عبدَ جي انداز سانٰ جوڻا ڏسو منهنجو رسول
حق آهي حق آهي بس اهو منهنجو اصول

هو خدا موجود اڳ ۾ پر نہ هو ڪنهن کي پتو
ٻيا نبي لڪندا رهيا ۽ ڪهر وجي سبڪو ستو
حق جو اعلان ڪرڻو حق وارن جو حصو
ميڻ سان مولا پساڻو نہ ڪيئون ڪنهن تي غصو
اهي هنا انسان جن جو پڻ تي پاڇو نہ هو
تن جي سيرت تن جي صورت جو ڪٿي ڪا جو نہ هو

يا نبي سچ ٿو چوان ۽ تنهنجي نبوت جو قسم
تون نبي آخر زمان دل جي عقيدت جو قسم
تون حسن ۽ تون حسين اڪبر جي شهادت جو قسم
تون خدا کان پوءِ افضل هن حقيقت جو قسم
تو سوا ٻي سود قدرت جو اٿني سارو نظام
مومن صلوات چني ملڪن پڙهيو توتي سلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## * منقبت ۔ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه

مومن خدا جي گهر ۾
شروعات ٿي اتاهين
ولادت عليؑ جي
عبادت عليؑ جي

سڀ کان ذهين ڏاڍو
مشهور ٿي جهان ۾
سڀ کان وڌو مجاهد
شجاعت عليؑ جي

آخر نبيؑ جي ويجها
ليڪن سڀن کان ويجهي
ٻيا پڻ هئا عزيز
قرابت عليؑ جي

دلگير ٿيو نه هرگز
دوزخ يزيد جو آ
غمگين ٿيو نه مومن
جنت عليؑ جي

وارث وٺي آ يارو
بهتر سڀن کان آهي
آهي علي نبيؑ جو
امامت عليؑ جي

قاتل نه خوش ٿي دل ۾
شهادت نه آهي خود
زخمي علي ڪري
عبادت عليؑ جي

پرواز روح منهنجو
جيسين وڃي ڏسان مان
يا رب ٿئي نه تيسين
تربت عليؑ جي

نجف ۾ آهي روضو
جنت بقيه ۾ آهي
حيدر ڪرار جو
محبت عليؑ جي

آل عليؑ جا اڄ ٻي
پاڻ ئي ڪندو حفاظت
دشمن گلي گلي
قدرت عليؑ جي

سني شيعا ملي ٻئي
آهي اها اسان کي
اسلام کي بچايو
نصيحت عليؑ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو ٻنهي جو هڪڙو
نبوت نبيءِ جي لاءِ
ڏاڏي ٻنهي جي هڪڙ ي
شهادت عليءِ جي

حافظ قرآن آهي
علم و ادب ۾ ڏاڍي
خافظ حديث آهي
وسعت عليءِ جي

فرعون جي خدائي
مشڪل ڪهڙي آ مشڪل
جهڙ پڙ مليو وڃي ٿي
محبت عليءِ جي

مشڪل ڪشا ڪني آ
هر هنڌ هالا مون سان
آسان ساري مشڪل
حمايت عليءِ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ولادت حضرت امام حسين عليه السلام

فاطمہ خوش ٿي چيو — پيدا ٿيو حضرت حسين
نور جو روشن ڏيو — پيدا ٿيو حضرت حسين

رات هني ڏاڍي ڀلي — ۽ ڏينهن هو ڏاڍو ڀلو
دور ٿي سڀ غم ويو — پيدا ٿيو حضرت حسين

عرش تي اوطاق جنهنجي — فرش تي جنهنجو مڪان
هر گهڙي آيو ويو — پيدا ٿيو حضرت حسين

ڪربلا جا عاشقو — ۽ ڪربلا جا سائيو
ڪي گهڙيون مون لئي ويهو — پيدا ٿيو حضرت حسين

سڀ نمازون بي سرور — جو ڪين ٿيو ذڪرِ حسين
پيغام هي گهر گهر ڏيو — پيدا ٿيو حضرت حسين

چوپڙو منهنجي گناهن — جو اکين جي آب سان
ڌوپجي سارو ويو — پيدا ٿيو حضرت حسين

والي ۽ ڪوثر حسين — ۽ والي ۽ جنت حسين
باقي خدا وٽ جا رهيو — پيدا ٿيو حضرت حسين

هالا هن مجلس اندر — آيس ڪٿي ذڪر حسين
ناهي مون وٽ ڪجهہ ٻيو — پيدا ٿيو حضرت حسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محرم نامہ

محرم وري ٻـہ آيو — محرم وري ٻـہ آيو
ٻوڙها اکين مان واهيو — محرم وري ٻـہ آيو

نيروني ويس سڀ جو — پڙ ۾ ٻـہ مچ آهي
گهر گهر الم لڳايو — محرم وري ٻـہ آيو

دلدل تي سنج سونا — دلدل کي ڳهـہ ڳچيءَ ۾
سيجون اٿي سجايو — محرم وري ٻـہ آيو

پاڻيءَ جي وقت اصغر — پياسي کي ياد ڪريو
جهولو سڀني جهلايو — محرم وري ٻـہ آيو

سجدو گهري ٿو سجدو — سر جي گهري ٿـہ سر ڏيو
ناني اٿين پڙهايو — محرم وري ٻـہ آيو

معراج تي ٻـہ سجدو — سجدو آ ڪربلا ۾
ڪهڙو نيو سوايو — محرم وري ٻـہ آيو

شيعن سنين جو جهڳڙو — شيطان جي شرارت
شيطان کي ڀڄايو — محرم وري ٻـہ آيو

سخاوت عليءَ کان فرندي — آئي حسين جي گهر
جنهن اصغر اچي ڪهايو — محرم وري ٻـہ آيو

سجدي تان تنهنجي صدقي — سجدي تان تنهنجي قربان
خنجر گلي تان واهيو — محرم وري ٻـہ آيو

چنڊ جي حسين آهي — نہ هالو ٻـہ آهي هالو
دامن نہ تنهن ڇڏايو — محرم وري ٻـہ آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"محرم نامه"

ڪربلا ۾ اڄ قضيو ـ ملڪن چيو ٿي يا حسين
زلزلو هو چو طرف خلقن چيو ٿي يا حسين

ڪربلا جي ڪوس کان ـ لرزي ويو خود آسمان
مومنو ماتم ڪريو فلڪن چيو ٿي يا حسين

ڪوفين جي قهر کان مانجهي مڙيائي ڪين ڪي
ڪاتب تقدير جي ورڪن چيو ٿي يا حسين

شاهه جي سجدي اندر سر ساهه نيو ڌڙ کان جدا
خوني خنجر کي ڏسي حلقن چيو ٿي يا حسين

خون شهيدن جو ڏسي حورن پرين روئي چيو
لڙڪ جهلجن ڪين ڪي پلڪن چيو ٿي يا حسين

عشق ۾ شبير جي ماتم ڪريو ماتم ڪريو
هالا هر جا عشق ۾ الڪن چيو ٿي يا حسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محرم نامہ

ابتدا جي ڳالهہ ڪر ، انتها جي ڳالهہ ڪر
ڳالهہ ڪر تون ڳالهہ ڪر غارِ حرا جي ڳالهہ ڪر

ڪنهن صفا سينو ڪري . رکيو خزانو نور جو
ان عطائي جي ادا علم و عطا جي ڳالهہ ڪر

ڪنهن ڪئي ڪعبي اندر . پنهنجي جنم جي ابتدا
ان وليءَ وارث وٽي . شير خدا جي ڳالهہ ڪر

تخت جا جو تاج چاجو ڌن دولت جا ڪبي
عاشقانِ مصطفيٰ وٽ مصطفيٰ جي ڳالهہ ڪر

شام جي ظالم زمين توتي خدا جو قهر آ
عابدِ بيمار ڪئي ان بد دعا جي ڳالهہ ڪر

جنهن زمين تي رنگ چڙهيو . خون سان شبير جي
تنهن زمين جي خاڪ ، خاڪ شفا جي ڳالهہ ڪر

خشڪ چپ تازا ٿين ، اڄ لهي سڀ جي مڪر
تون پياسن سان رکو پاڻي پسا جي ڳالهہ ڪر

جنهن مٿي قرآن آيو سر مٿي قرآن ڪان
نور آ نرمل نبي نورِ خدا جي ڳالهہ ڪر

جڏ پيا قاضي ڪٿي تون وُسطي حضرت حسين
جڏ محرم جو ڏنو تون ڪربلا جي ڳالهہ ڪر

زندگيءَ جو فلسفو آ مختصر ڪان مختصر
ڪٿ فنا جي ڳالهہ ڪر ، ڪٿ بقا جي ڳالهہ ڪر

خون جي شروعات هالا آهي هجري سال جي
جو ٿيو پورو انهي سال عضيٰ جي ڳالهہ ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مسدس ـ ڪربـ و بـلا"

ماهہ محرم جو ڏنو ڪرب و بلا جي ڳالهہ ڪر
مصطفيٰ جي آل جي ؁ مصطفيٰ جي ڳالهہ ڪر

شام کان پيغام آيو اڄ اسان وٽ يا امام
تون اسان جو شهنشاهہ آهيون اسين تنهنجا غلام
ڏيهہ انهي ۾ هاڻ تنهنجو رهڻ آ بلڪل حرام
هن يزيدي راڄ کان ٿيو تنگ آ سارو عوام
ڪوفين جي دل اندر دوکي دغا جي ڳالهہ ڪر
ماهہ محرم جو ڏنو ڪرب و بلا جي ڳالهہ ڪر

نور جي تسبيح اندر ڪل ٻاهتر داڻا هئا
ڪي منجهن اهلِ حرم ڪي شان شاهاڻا هئا
تن شهيدن ساڻ هت قدرت سندا ماڻا هئا
عاشقانِ ڪربلا جا گهٽ اندر گهاڻا هئا
فرزند مولي' علي مشڪل ڪشا جي ڳالهہ ڪر
ماهہ محرم جو ڏنو ڪرب و بلا جي ڳالهہ ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَمتِ نانا تان صدقي | سر ڏنو سيد اچي
نور سان ڀرپور سارو | گهر ڏنو سيد اچي
هم شڪل نورِ نبي | اڪبر ڏنو سيد اچي
جهن مهينن جو پسر | اصغر ڏنو سيد اچي
تنهن سورهيه سلطان نِنڍڙي | با وفا جي ڳالهه ڪر
ماهه محرم جو ڏنو | ڪرب و بلا جي ڳالهه ڪر

علم جو در آ علي | شهدا ءَ جو گهر آهي حسين
فاطمه جي گود جو | جاني جگر آهي حسين
سرورِ ڪونين جو | نورِ نظر آهي حسين
رسولِ پاڪ جو | شمس و قمر آهي حسين
دادلي هن دوجهان جي | شهنشاهه جي ڳالهه ڪر
ماهه محرم جو ڏنو | ڪرب و بلا جي ڳالهه ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصطفيٰ آهي حسن | شيرِ خدا آهي حسين
عرش تي ملڪن چيو | راضي رضا آهي حسين
ڪربلا ميدان جا | پر جا بجا آهي حسين
ابتدا آهي حسين | ۽ انتها آهي حسين
سچ ۾ لڳجي ويو | تنهن رهنما جي ڳالهه ڪر
ماهه محرم جو ڏنو | ڪرب و بلا جي ڳالهه ڪر

ڪوفي وارا سڀ ڏسن پيا | عابدِ بيمار کي
سر اگهاڙي پيا ڏسن | هو زينبِ سالار کي
پر سڪينه تي ڏنو | نيزي مٿي سردار کي
رحم دل ۾ ڪين آيو | ڪوفيءِ بدڪار کي

هر گهڙي هالا پيو | آل عبا جي ڳالهه ڪر
ماهه محرم جو ڏنو | ڪرب و بلا جي ڳالهه ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

خدا جي دين جا منڪر — اجا آهن اجا آهن
ڪفارن جا ڪبني لشڪر — اجا آهن اجا آهن

بغاوت مرد مومن سان — ٿني ٿي چوطرف يارو
دغا بازن جا ڪجهه دفتر — اجا آهن اجا آهن

اجوڪي هن عبادت ۾ — اڳوڻو ڪو مزو ڪونهي
هتي مسجد هتي منبر — اجا آهن اجا آهن

گهڻي عرصي کان دنيا مان — نبوت ٿي ختم يارو
مگر ڪنهن هنڌ پيغمبر — اجا آهن اجا آهن

سچائي جو ثمر هالا — سنڀالي پاڻ سان ڪڻ تون
ڏکيا ڪي ڏيهه جا ڏونگر — اجا آهن اجا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# * صوفي ڪلام *

اسين موالي محبت وارا — رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان

دم دلاسا دل کي ڏيني — پنڌ پياسين پاڻ ميان
رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان

صافو سک جو صاف ڪٿي تون — ڪڻ قلب جو ڇاڻ ميان
رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان

مستن مني جا مٽ چکايا — ڀري پيالا پاڻ ميان
رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان

سڏ ڪري پني سولي سڀ کي — هليا اچو هت هاڻ ميان
رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان

هالي وانگر هر هنڌ ويهي — ڪريون روز رهاڻ ميان
اسين موالي محبت وارا — رکون نہ ڪنهن جي ڪاڻ ميان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

قرآن جهڙو بيو ڪو | قرآن وري نه ايندو
جبرئيل جهڙو قاصد | ذيشان وري نه ايندو

عيسيٰ اچڻ جي چاهي | ته عيسيٰ اچي سگهي ٿو
نوح نبي نه ايندو | طوفان وري نه ايندو

جنهن جي تڏي تان مهمان | بکيو هليو وڃي ٿو
اهڙي تڏي تي پلجي | مهمان وري نه ايندو

ميلاپ منهنجو هن سان | هنجو به ٿيندو مون سان
سمجهان ٿو هاڻ دشمن | درميان وري نه ايندو

اڄ عيد جي ڏهاڙي | ميت ڏسي چيو مون
عيدون وري به ايندون | انسان وري نه ايندو

منهنجي غزل گجهارت | سمجهي جو آيو هالا
بي ڪا غزل بڌڻ لئه | نادان وري نه ايندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي ڪلام

جنت تنهنجي ٿي آ پراڻي ننون ڪو بهشت بڻائي يار

تخت سليمان چوريءِ چوريءِ مون وٽ آڻ ڪٺائي يار

حورن گلمن گهرج نه مونکي پنهنجو پاڻ پسائي يار

عرش برين تي اگ ڪان اڳري محفل بي ڪا مچائي يار

ڪعبي اندر ڪوني نه هوندو پردو پوش هٽائي يار

جنت خاطر جيڪي جهڪن ٿا عشق انهن کي ناهي يار

هيءَ دنيا آ به تي ڏينهڙا بي ڪا دنيا ناهي يار

منهنجي دل ۾ گهر آ تنهنجو گهر ٻيا سب ڍاهي يار

هرڪو حافظ قرآن ليڪن ڪنهن ڪان صحيح نه پڙهائي يار

هالي کي هن فاني جڳ مان ڪلمي ساڻ لڏائي يار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صوفي ڪلام

برهه باهه دل ۾ دکائي ڇڏيندس
پنهنجي پرت جا سڀ پڙهائي ڇڏيندس

اچي پنهنجي منزل تي رکجي ٿو سڀڪو
مگر مان قدم کي وڌائي ڇڏيندس

اکين سان تنهنجي ملائي اکين کي
ڏکن ۽ غمن کي مٽائي ڇڏيندس

لکي خوب ڪافيون کي نغمه نرالا
ادب جي دنيا کي سجائي ڇڏيندس

نشي کان جو خالي هجي ساقي ساغر
پري بزم ۾ سو بچائي ڇڏيندس

پري پير منهنجي اگڻ جي اچڻ تون
زمين تي اکين کي وڇائي ڇڏيندس

ڏنو ساڻ مون کي جي هالا زماني
رقيبن کي جهٽ پٽ جهڪائي ڇڏيندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" صوفي ڪلام "

ازلي آهيان ابدي آهيان لوڪان ڪين لڪايان
محفل پنهنجي منزل پنهنجي ڪهڙا پند پڄايان

تارا ڪئين تابع منهنجي پاڻ هي چنڊ چڙهايان
صورت هڪڙي ويس هزارين مرضيءَ ساڻ مٽايان

خاڪ جو پنجرو خاڪ ڏي ويندو پنهنجا ماڳ وسايان
امر الاهي بنجي آيس آدم ڪين سڏايان

موت سان منهنجو تعلق ناهي جا ڪان من منجهايان
صورت غيبي سيرت غيبي ڪير بلا مان آهيان

سب ڪان پهرين سجدو منهنجو هردم نينهن نڀايان
هالا حيرت آهي اهائي آيو ڪٿي مان آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

پني پني ۾ پار پرين ۽ جا — پني پني ۾ عرش عظيم
جيز ٻڌاء آهي ڪهڙي — مولا جنهن ۾ ناهي مقيم

ڪٿ گلن جي رونق آهي — ڪٿ چمن جي خوشبو آ
هوا ۽ پاڻي جنهن جي هٿ ۾ — اهو تـه آهي رب رحيم

سڀ جو هادي سڀ جو حاڪم — سڀ جو آهي پاڻ ستار
سڀ جو صاحب سڀ جو ساجن — سڀ جو آهي حمد حڪيم

دل جو دلبر من جو مالڪ — روح جو رهبر ساهه جو ساجن
پاڻ ئي ڪعبو پاڻ ئي قبلو — پاڻ ئي موسيٰ پاڻ ڪليم

حرص حوس جي حاڪم اڳيان — پانڌ نه جهل پينار نه ٿي
حاجت ان کي هالا ڪهڙي — مالڪ جنهن جو پاڻ ڪريم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## • صوفي ڪلام •

عشق منجهان تو آدم ٿاهيو    ملڪن جو مهندار ڪري
ڪنڪ اسان ٻي روز کيون ٿا    ڪريہ نئو تڪرار ڪري

تسبيح پڙهائين توبهہ    جي تو هينئن بہ ڪو دلدار ڪري

صبر اسانکي ڪينن اڇي جي    حورون اڇن سينگار ڪري

توکان سوا ٻيو ڪير اسان جي    عرش مٿي ڪينڪار ڪري
جنت مان تو جنهن کي ترڙيو    سو ڪينن وري تو پيار ڪري

هالي جهڙا مرد هزارين    جڏيا تو مسمار ڪري
عشق منجهان تو آدم ٿاهيو    ملڪن جو مهندار ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

سوليءَ تي ٻي سينو تاڻي ڪنڌ ڪپائي ويندا سين
ماءِ منيءَ جي ڪير مڃي جو شان وڌائي ويندا سين

جيرا ٻڪيون جيءَ جا ساڙي مچ مچائي ويندا سين
پيري مريدي ريت پراڻي سڀ ڪي جڏائي ويندا سين

باب برهه جا زاهد توکي پل ۾ پڙهائي ويندا سين
تنهنجي خاطر تنهنجي در تي دم ڏمائي ويندا سين

لوهه لکني جي ليک مٽائي بخت بنائي ويندا سين
محشر ۾ جي ذات پڇيائون سنڌي سڏائي ويندا سين

هالي وانگر نئون نئون هرجا شعر ٻڌائي ويندا سين
ماءِ منيءَ جي ڪير مڃي جو شان وڌائي ويندا سين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

ڏٺي معراج جا آهيون  مٿي ڪامل تي پهتاسون
هزارين ڪوهه ڪهي يارو  چڙهي دلدل تي پهتاسون

هوا دشمن درياءُ دشمن  ۽ دشمن نا خدا ليڪن
توڪل جو ٻڌي ترهو  وڃي ساحل تي پهتاسون

رخِ تابان تان پرٖدن کي  هٽائيندي هٽائيندي
سري سرڪي سجڻ سائين  درِ محفل تي پهتاسون

اڏيءَ تي سر رکي پنهنجو  ٿياسين سرخرو يارو
اڏائي خون جا قطره  رخِ قاتل تي پهتاسون

مليا رستي مٿي رهزن  هليا ويا هم سفر مونکان
گهڻي ڪوشش سان اي هالا  وڃي منزل تي پهتاسون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " صوفي ڪلام "

حسن تنهنجي جي هاڪ سڄڻ    ساري جهان ۾
خود خدا واکاڻ ڪئي آ    ڪامل قرآن ۾

هڪ اشاري سان تو ڏنو    اول آسمان ۾
چنڊ ٽُٽي ٽڪرا ٿيو    هر ڪو حيران ۾

ڪڏهن رهين ٿو دل ۾ دلبر    ڪڏهن ڪون و مڪان ۾
لهرين ۾ تون ڪڏهن هجين    ڪڏهين طوفان ۾

ڪڏهن تہ بڻجي يوسف تون    رهين زندان ۾
ڪڏهن تہ بڻجي زليخان تون    جهلين پهران ۾

تنهنجي ظهور جو چرچو نہ هو    ڪنهن جي گمان ۾
جن و ملائڪ ڏسي جهڪيا    توکي انسان ۾

هالو هردم گيت چوي پيو    تنهنجي ئي شان ۾
چوطرف تنهنجو چرچو آ    وه واه ويران ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صوفي ڪلام

دين ڌرم جا ڌاڳا ٽوڙي
محبت جا تون موتي ميڙ

ڏينهن ڪٽي آ رات ڪٽي آ
حيرت جا تون موتي ميڙ

گلن ڪنڊن سان ڳل ڳاري
عبرت جا تون موتي ميڙ

مور ملن جي ڳالهه نه ٻڌ
وحدت جا تون موتي ميڙ

صدقي جنهن تان ان سيو
تنهن مورت جا تون موتي ميڙ

ڪم سڀني وجهه قادر
پو برڪت جا تون موتي ميڙ

هالا هڪ هڪ موتي ڳولي
قدرت جا تون موتي ميڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "عقيدت جا گل"

ادب جي فلڪ جو — تون شمس و قمر
ٻيو ڪو نه پيدا — ڪو اهڙو بشر
جهر ۽ جهنگن ۾ — پنهونءَ جي پچر
رهي ڪانه تنهن ۾ — ڪا ڪک جي ڪسر
پلن ۾ پلاڙو — تون جاني جگر
جيئن شال مون ڏي — ٻـ هڪڙي نظر

ادب جي سدائين — تو خدمت ڪئي
اديبن سان هردم — تو محبت ڪئي
ادب تي نڇاور — تو دولت ڪئي
علوءَ تي ٻـ تو پڻ — عنايت ڪئي
پيا ناز ڪن توتي — تنهنجا نفر
جيئن شال مون ڏي — ٻـ هڪڙي نظر

پتنگ پاڻ آهين — ڏيو پاڻ آهين
ٻٽي سچ روشن — ٽيو پاڻ آهين
جڏن جو تون جاني — جيو پاڻ آهين
مديني ڏي مرڪي — ويو پاڻ آهين
اسان جي ٻـ شل ڪا — لهي هو خبر
جيئن شال مونڏي — ٻـ هڪڙي نظر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخيءَ جي سخا جي نـہ آهي ڪمي
هتي خان خانن جهڪاني جبين
هتي آبو هرڪو ادب سان نمي
هتي منهنجا سائين خليق و امين
لکن تي آ لالن جي جانو ۽ جمر
جنين شال مونڊي بہ هڪڙي نظر

نڪا ڪاڻ ڪنهن جي نڪو غم ٿيو
اسان جو تہ حامي هو هردم ٿيو
فدا منهنجو هن تان هڏ چم ٿيو
مدح خواني تن جي سندم ڪم ٿيو
ڪنيوسون نہ پيو ڪو سنباري ٿمر
جنين شال مونڊي بہ هڪڙي نظر

اسين تنهنجي درجا تہ دربان آهيون
فقيري جي پردي ۾ سلطان آهيون
اوهان جي تہ صدقي تيا خان آهيون
متان يار سمجهو تہ مهمان آهيون
هتي ڳوٺ منهنجو هتي منهنجو گهر
جنين شال مونڊي بہ هڪڙي نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ناٺي جونيئهن آ نہ خود غرض آهيون
اسان پنهنجي طالب کي دل ساڻ چاهيون
فنا ات ٿيون ٿا جتي لنئون ٿا لايون
صفا ڏڏ آهيون مگر تنهنجا آهيون
ڪجو معاف مونکي هجي ڪو ڏمر
جنئن شال مونڏي ٻہ هڪڙي نظر

پيمبر جي پيرن جي هت خاڪ آهي
وطن سنڌ آهي وطن پاڪ آهي
هتي جو جوان ٻي تہ بيباڪ آهي
هتي آهي راڻو هتي ڪاڪ آهي
هتي منهنجو هالا وسي پيو وڳر
جنئن شال مونڏي ٻہ هڪڙي نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هاري

هاري پيارا هاري    هاري پيارا هاري
رت ربيع جي آئي آهي    ڪرڪا ترت تياري

ڪڻڪ اسان جي قوت واري    ڪائي دنيا ساري
گاڏا گندم ڀرجي آيا    آئي ڀرجي لاري

ديس سچوئي دولت آهي    سوني وطن جي واري

موجن سان مهراڻ سچي جو    جر وهي ٿو جاري

ظلمت جو اڄ زور ٽٽي ويو    گهر گهر ٿي ڏياري
ساهه سکن جو هاڻ کڻي ٿو    هر هنڌ هاري ناري

کوڙ ڪرڻ ۾ ڪڻڪ اسان جي    آئي منڊ موچاري
هن وطن تي هالا هردم    ٻال ڪري ٿو ٻاري



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

## ڪافي

منهنجي لوني لڳن تان نہ لاهي  منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

بهشتي ميوا ان کي وسرن
پيرون پڪا جو ڪاني
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

ونديس ونديس ملڪ مارن جي
ڪڙيون ڪڙا سڀ لاهي
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

ڪوٽ ۽ ڪنگرا مير عمر جا
ڍولا ونديس سڀ ڍاهي
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

زيور زريون پوش پٽن جا
ڏيان سڀني کي باهہ
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

مکڻ ۽ ماني مرڪ اسان جو
عمر ادا هٽ جاهي
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

ماڙين تي من ڪنين ريجهايان
جهوپا اسان جي جاءِ
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي

هالا هميشه منهنجي مارن جا
گيت سدا پيو ڳائي
منهنجو ننگ انهي ۾ منجهہ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

هڪ وار اچي يار توکي ڳالهه ٻڌايان
هن درد ڀري دل جو توکي حال سڻايان

ڪاوڙ مان چيو يار مونکي ٿيءُ نه ديوانو
نه هوش ڇڏي پنهنجو ٿکي ٿي نه مستانو
نه ڳالهه ٻڌان تنهنجي ٻڌان ڪين ترانو
اهڙو نه اول تولئي آئون اعلان ڪرايان

ڏورانهن نه ڏسي مونکي در بند ڪيائين
ملڻ نه رهيو ماڳ پر جنگ ڪيائين
اهڙو نه وري مونکي پوءِ تنگ ڪيائين
هاڻي آهي اها ڳڻتي ڪيئن راڻو ريجهايان

مون عرض ڪيو مون سان منا ڪر نه جدائي
مون تنهنجي هنيان پنهنجي آهي جان جلائي
ڏي دل کي دلاسو تون منا ڪر ڪا ڀلائي
سورن جون سڙون توکي آئون ساجن سلايان

عاشق هجين اهڙو نه ڪر صبر سچائي
اپڻ ترت چئي مونکي وري منهن لڪائين
مون ڏانهون ڪيون درد مان ڪين ٻڌائين
سهڻن جا اهي سور مان ڪيئن لڪايان

شوخي مان چيو سهڻي مونکي خوار ڪرين ٿو
دم دم ۾ اچيو مونکي بيزار ڪرين ٿو
مون توکي چيو ڀهرين جو تون پيار ڪرين ٿو
هاڻي مست تو مجنې ڪان ڪيئن جند ڇڏايان

هڪ ڏينهن چيائين هالا نه مونکي تون خفا ڪر
مون روني چيو يار نه مونکي تون جدا ڪر
ڦري دل نه هيءُ دلبر نه تون مون سان دغا ڪر
پوءِ مرڪي چيو محب ڪيئن منهن مٺايان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

کهي ڪيچ وڃان - وڃي ڏير ڏسان
پنهنجي يار پنهل سان پاڻ ملان

سر ساهه سڄڻ تان خير ڪيان
وڃان جلد ٻلا جو دير ڪيان
سمهي سيج مٿي جو قهر ڪيان
پنهنجي لالن لئي اٿي پنڌ پوان

هڪ ٻخت ويو ٻيو ٻنڀور ويو
مون کان منهنجو جڳي من مور ويو
منهنجو وس ويو منهنجو زور ويو
اهي سور سڄڻ مان ڪنهن سان سلان

نڪو ڪم تو ٿئي نئو ڪار ٿئي
جدا جي تو مون کان منهنجو يار ٿئي
منهنجو پنڌ پرين جي پار ٿئي
وڃي پاڻ پڄان وري ڪين وران

ناهي هوت هتي نه حبيب هتي
نڪو درد منهنجي جو طبيب هتي
شل هالا ملي هو عجيب هتي
جنهن لئي مان نه هتي ويني روز رئان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

ڀيجل ڪني ٻاڪار | راجا ريڏو راڳ تي

ڳولين ٻانهين پاڻ ۾ | روني ڪيڏيا تي پار
راجا ريڏو راڳ تي

ڪوري ڪنڌ ڪلهن تان | ڏين ڪم ڏاتار
راجا ريڏو راڳ تي

سورن سجيا مگنهار کي | هيرا لال هزار
راجا ريڏو راڳ تي

ڪل نفس ذائقة الموت | هني تندن منجهه تنوار
راجا ريڏو راڳ تي

راڻين منجهه رتول ۾ | هالا جنا تي هار
راجا ريڏو راڳ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

ادبون رات اونـي ويا اٺ اٺاري
جبل ۾ جتن کي نماٽي نهاري

هٺان ڪاڻ هوتن جهر ۾ جڙيون پڃي
ڏکن ۾ ڏکي ٿـي گذاريان گهڙيون پڃي
وري ور ولهيءَ کي هو ڏاتر ڏيکاري

جهجو جن کي گهريم ٿيا سي ٺي ويري
ملن شال مون کي پنهل جا ڪـي پيري
پڄان پاڻ تن کان پچارون پچاري

جتن ساڻ جيڏيون ملڻ آهي مشڪل
بنا هوت هاڻي جيئڻ آهي مشڪل
مري نيٺ ويندس پنهل کي پڪاري

هالا هاڻ منهنجو هتي ڪـير آهي
وڃان ديس دلبر هتي هاڻ جاهي
ڏسان شال سوني ٿوساهه جنهنکي ساري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪافي *

ڇڏيان ڪيئن پنهل جي پٺ ڙي ادين
پلي لوڪ ڪري مونکي ڇٽ ڙي ادين

نڪي ڪيچي ڏٺم نڪو ڪيچ ڏٺم
نڪو اوٺين ۾ اروچ ڏٺم
نڪو ڀيل پنهل سان ڀيچ ڏٺم
منهنجو عشق ٿيو ڀر ڀٽ ڙي ادين

مون کان ڏور ڇجي گهٽو ڏير ويا
مٿان رات ڀيني لڪي ڀير ويا
مون سان اهڙو ڪري هو انڌ ير ويا
ڏسان شال پنهل جو ات ڙي ادين

نڪا اوٺين سان ڪا عشق ڪري
نڪا رنڌ رڙي نڪا سور ڇري
سچو عشق ڪرڻ آهي ڏاڍو ڀري
پلي بند هجي هيءَ مٽ ڙي ادين

پرديسي پنهل سان ڀيچ ڀيو
مون تہ ڪم ڪجو ڏس ڪهڙو ڪيو
مون کان ملڪ منهنجو تہ پنهور ويو
وجي ڪيچ جي ڇنيان ڇٽ ڙي ادين

هالا هوت بنان هت ڪيئن وهان
وجي حال پرين کي ڀان ڏيان
وجي ڪولن جي مان ڪولي ٿيان
مون تہ هوت انڌيءَ جي لٽ ڙي ادين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## * ڪافي *

ساٿ جڏي ويا ساٿي سڀني هاڻي تنهنجو جاهي يار

سالن کان ڏس ساهون پنهنجي ڏک سکن کي ڪاٽي يار

پير پنهنجي ۾ هٿي ڪهاڙو ريلا رت جا وهائي يار

سڀڪو چوي تو منٺين دل سان دنيا دوکو آهي يار

روزا نمازون ڪهڙي ڪم جا من صفا جي ناهي يار

پرک ٿئي ٿي تڏهين جڏهن ڪو پکو پکي سان لائي يار

سنڌ ماٺان جو صدقي ٿيندو تنهن لئي جيء ۾ جائي يار

جيلن اندر جودا وينا پيرن ڪڙيون پائي يار

عيد ملهايون اچو انهن سان چاه منجهان جو چاهي يار

نوان نوان هلي نغمان منهنجا گوٺ گوٺ ۾ ڳائي يار

نينهن لڳي تان ناچو ٻنجي پير تون پڙ ۾ پائي يار

هالو هردم نوڪر تنهنجو سينو ڪهڙو ساهي يار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "ڪافي"

والي وار مون ڏي پنوهارن جو پانڌي
صبح سانجهي جن لئي مري دل ٿي ماندي

عدل ڪر عمر تون موڪل ڏي منيءَ کي
جڏي زور ظالم ڪڙو لاهي ڪنيءَ کي
تنهنجي ڏيهه جا سڀئي سڏين مونکي ٻاندي

ڏسي حال منهنجو رنا عرش عامل
عجب آهي مونکي وريا ڪين ڪامل
هوندي ڪانه هرڪا وره ڪان ڪا واندي

وڳا ويس مون کي ڏسين جو ادا تون
عمر تنهنجون مون کي نه گهرجن سوغاتون
پري ڪر تون پنهنجا ادا سون چاندي

هتي هالا هائي نه لوئي لٽيندس
سنگهارن جي سڪ کي نه مورئون مٽيندس
منهنجا شال جهانگي اچي ٿين ڪانڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "ڪافي"

ٻري ٻري جا ٻرين مون ڳوليا     ويجها آهن وساريا مون

دل جا دشمن دل جا ويري     ويڙهي منجهه وهاريا مون

تو ٻن منهنجا منڙا سائين     ڏکيا ڏينهن گذاريا مون

ياد اچين ٿو دلبر جنهن دم     لڙڪ اکين مان هاريا مون

پيرن پئي اي دلبر توکي     هٿ هميشه ٺاريا مون

تنهنجي ڪارڻ منهنجا ڪرمي     مال پرايا چاريا مون

محفل مان جي اکڙي اٿيا     واري سي تہ وهاريا مون

قسمت خاطر هر هنڌ هالا     ڍارا ڏاڍا ڍاريا مون



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

# ڪافي

جڏهن ياد اوهانجي آئي تڏهن اکين ننڊ ڦٽائي
لوڪ سجو سمهي ننڊ ڪري مون روئي رات وهائي

تارا تڪيندي رات وهايم دلبر دير لڳائي
قاصد ڪانگل ڪونه ڪو آيو خبر نه پئي مون ڪائي

عمر سڄيءَ جو سائي مون کان ڪري ويو نه جدائي
منهنجي دل جو مالڪ مون وٽ رهيو ڪي ڏينهن اڌائي

گهر گهر ميلا گهر گهر عيدون منهنجي گهر نه اونداهي
جانب ايندو جنهن دم منهنجي گهر ۾ ٿيندي شعاعي

تون ئي تون جي تسبيح تن ۾ وات نه ٻي ڪا وائي
صدقي ساجن توتان ٻي مان ڪريان ساري خدائي

اڃان اڏامي توڏي ليڪن ڪانهي اهڙي رسائي
محب منهنجا مون توڏي دلبر ڪانه ڪا وڪ وڌائي

هالي هردم تنهنجي خاطر پنهنجي جان جلائي
موٽ منا تون مون ڏي جلدي ڪر ڪا پنهنجي ڀلائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڪافي

وائون ٻيون ٻي ويهه مونکي وٺي ٿي واڻ وندر جي

ٻار ٻرينءَ جا ٻجندي ٻجندي ـ لالن لهنديس لجندي لجندي
ڪري پنڌ جي پيهه ـ مونکي وٺي ٿي واڻ وندر جي

نانگ بلائون بر ۾ ٻريا ـ ڏنگ ڏکونن پيرن تريا
رز نه سجي جت ريهه ـ مونکي وٺي ٿي واڻ وندر جي

ڪيچ ڪوهيارل ايندس ڪاهي منهنجو ڀنڀور ۾ هائي جاهي
مر ته ستائيم سيءُ ـ مونکي وٺي ٿي واڻ وندر جي

هالا پاڻ هي پاڻ پڙهايم ـ اوکي هنڌ تي اک اڙايم
ڏند ڪليا جت ٿيهه مونکي وٺي ٿي واڻ وندر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڪافي

نانگن سان ٿو وير وجهين تون    بار اٺني سب ڪارا نانگ
جوڳين ري هي ڪين ڪي جهلبا سوين ڪٺي ڪر بياتون سانگ

علم ادب جا عاشق يارو    پري پري ڪي بڌجن نا
شاعر سنڌ مان ويا گذاري    باقي رهي آ جورن جانگ

عاشق سب ڪو پاڻ سڏائي    زهر پيئڻ هت ايندو ڪير
سبني اڏيءَ تي سر ڌريندا    جن ڪي هوندي تن ۾ تانگ

ري وضو ڪن راضي رب ڪي    جنت منجهہ هو جنگ جوان
سڪ هئن جي سجدو آهي    جا جو بانگو جاجي بانگ

بار وٺان هت ڪوئي نہ آيو    آيو ڪو نہ سلام
هالا هن ڏي روز هلايم    پنهنجا قاصد پنهنجا ڪانگ



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

## ڪافي

تو لٺي يار ميهار  ڳهيڙ ڏکني تان ڳهڙنديس آئون

ڳهيڙ ڏکني تان ڳهڙيا جيني تار تري وچي چڙهيا سيني
ساهڙ لهج سنبار واڳن سان وچي وڙهنديس آئون

آڏي مائي عشق نه جاڻي  تار پرينء جي تنهنکي تاڻي
ناهي ڪٺ قرار سوز انهيء ۾ سڙهنديس آئون

ڪچن ڳهڙن کي ڪير ڏسن ٿا ڳهڙي ٻڏن ته ٻه توسان ملن ٿا
واڳو جن ٻل وار  چڪ منجهان وچي چڙهنديس آئون

هت اونداهي حيبت واري  هوڏانهن آهي يار سان ياري
هالا وچي هن پار  باب برهه جا پڙهنديس آئون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

موڪل ڏي تون مير
آئون تہ اباڻن کي اڪنڊي آهيان

خوش ٿي ڪيان هت ماس پلاڻون
گهر گهر ٿيندي منهنجون گلاڻون
مارو سڻندا منجهہ ملير
حرف انهن جا ڪينڻ مان لاهيان

مون سان ميان هت ناحق ڪيو ٿئي
قيد ڪوٽن ۾ جاڪان ڪيو ٿئي
حاجو ڪر نہ حمير
آئون ادا توکي پاءِ ٿي پانيان

ملڪ اسان جي مينهن مانداڻان
خوش ٿيا منهنجا ڏوٿي ڏاڏاڻان
جت ٻاڪا ٿين ٻنڊير
پيرون پلنہ ۾ شال مان پايان

روز جهانگين کي ساهہ منهنجو ساري
واءِ وصل جو واحد واري
هالا هيننين ۾ اکير
ڳوڙها ڳلن تان روز ٿي واهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

آئون آهيان هڪ راز- ڪوني نہ جاڻي ڪوني نہ سمجهي

ڪير ٿو ڪوني ڪير سڏي ٿو- ڪنهن جو آهي آواز
ڪوني نہ جاڻي ڪوني نہ سمجهي

تند پراڻي طرز پراڻي - آيو ڪٿان هي ساز
ڪوني نہ جاڻي ڪوني نہ سمجهي

طور تي تجلي عرش تي محفل - آهي نسورو ناز
ڪوني نہ جاڻي ڪوني نہ سمجهي

هالو هليو ڳولڻ ڳجهہ کي - پاڻ ڪري پرواز
ڪوني نہ جاڻي ڪوني نہ سمجهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

رات رسي وئين راڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو

ڪاڪ سڄيءَ کي ڪلنڪ لڳائي نه سوڍا يار سياڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو

توبن مونکي طعام نه وڻيا هي پڻ هنڌ وهاڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو

نالي الله جي موني اڄ تون يار ڦنا ڪر ماڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو

تو لئي ڏيا مون ڏهه ڏهه ٻاريا آڌيءَ کان پو اجهاڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو

ڪاڪ ڪنڌيءَ جا هالا هي گل ڪلهه کان آهن ڪوماڻا وي

رحم نه آيو توکي رنيءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

ٻوز ٻنيون سڀ ٻاراوي　　سار منجهان سو ساريون ٿينديون

گوز گگن ۾ واڄٽ واڄا　　چو طرف چمڪاراوي
ٻوند وسڻ سان ٻهاريون ٿينديون

جانو جمر ۾ يار لڪي ويا　　چنڊ ڪنبون سڀ تارا وي
ڪٽ اونداهيون ڪاريون ٿينديون

ڪير ڳجي ٿو ڪير وسي ٿو　　ڪنهن جا سڀ اشارا وي
ڪير ڪٿي جون پاريون ٿينديون

هالا هر جا مينهن وسن ٿا　　وڻ وڻ تي وسڪارا وي
جام جمون ۽ جاريون ٿينديون



www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

جڏي ڏير ويتڙا گنهہ گار گولي

سڪيس ڪين سرتيون ٻاروچل جي ٻولي

برھہ ٻاھہ سر تي آ سرتيون سنوسين

ھڙو عشق آڙاه نہ ڪڏھن ڏٺوسين

ڪريان پني ڪيچين لئي ھجر منجھہ ھولي

سڄڻ سار منهنجي نہ لالن لڌي تو

نہ منهنجي آه و زاري ٻارو چل ٻڌي تو

آهيان مان اڪيني ڏکڙن جي ڏولي

مل محب مون سان مان ماڏي مران ٿي

منجهان سک ساڄن ڳريو مان ڳران ٿي

واهي نير نيڻن پسايان ٿي چولي

جبل ۾ ٿي جوڳڻ پنهل کي پڃائينديس

رکي مک تي مرلي ونڌر ۾ وڄائينديس

هالا هوت اڪيان جهلي اٿم جهولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

منهنجو تو سان وير        موت مون ڪان تو جانب جهنيو

تنهنجي اچڻ جو ڪانئيم نه ڪاڻو        تون نه ڪرين ٿو دير
موت مون ڪان تو جانب جهنيو

ماتم گهر ۾ سب جي مچائين        پائين جتي تو پير
موت مون ڪان تو جانب جهنيو

شهرن جا تو شهر اجاڙيا        تنهنجو هيڏو انڌير
موت مون ڪان تو جانب جهنيو

سب ڪر تنهنجي اڳيان عاجز        پل ڪو سڏائي سير
موت مون ڪان تو جانب جهنيو

هالا حاجت جنهن سان ناهي        تنهن ڪي چوندو ڪير
موت مون ڪان تو جانب جهنيو



www.sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

## "ڪافي"

واهيان روز اکين مان ٿو نير ندي
تو نہ يار سڄڻ منهنجي سار لڌي

اڄ يار اڱڻ تو لئي مان ٿو مران
تنهنجون ڳالهيون ٻڌي پيو دل ۾ ٺران
سکي تون نہ هجين مان پل سور چران
منهنجي دل نہ آهي تنهنجي ٻول ٻڌي

تنهنجا سور گهڻا تنهنجا پور گهڻا
تنهنجي عشق ڪيا ناسور گهڻا
تنهنجي تجليءَ ساڙيا طور گهڻا
ڪر ٻاهہ برهہ جي يار ٺڏي

اک اک سان لڳي منهنجي ننڊ ڦٽي
ڪينئن تير لڳو ڪينئن دلڙي ڦٽي
ڪر يار اچي تون پاڻ پٽي
ڪنهنجي ڪانہ لڪي ٿي نيڪي بدي

هالا جنهن لئي هتي پيو روز رڻان
رويو رويو پيو ڳل پنهنجا ڌڻان
پرين پنهنجو وچي شل پاڻ پسان
سکي ساري گذاريم جنهن لئي صدي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي"

مٺا جن ساڻ پيتا مون    ڪڙا تن ساڻ پيئنديس مان
پيالا چيز آ کهڙي    کهڙا تن ساڻ پيئنديس مان

هنا جي يار نڏيڻ جا    اچا ٿانئن ٺٺا وسرن
ڪنورا قرب وارن جا    جڙاتن ساڻ پيئنديس مان

مٺن مان من ٺٺو ٻرجي    کپن ٿيون نينهن جون ناندين
تکي توري سجڻ سائين    ڏڙا تن ساڻ پيئنديس مان

منداٺتا مينهن اي هالا    ٻري بادل اچي وسيا
سجڻ پنهنجا کٺي سهٺا    ٻگرا تن ساڻ پيئنديس مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

محبت مان اوهين مور نه جاڻو
اڳڻ اوهان جي ايندو ڪير
توڪان سوا تون يار ٻڌائي
دل کي دلاسا ڏيندو ڪير

زهر پيالا تنهنجي هٿن ۾
مون ڪان سوا پيو پيئندو ڪير

ڪسڻ ڪنان جي ڪنڌ ڪڍايون
طعنا تنهنجا سهندو ڪير

تو جي منهڙو دلبر مٺيو
جاني توري جيئندو ڪير

ڪيج وڃڻ جي قاصد ڄڏيو
نوان نياپا نيندو ڪير

ڏاتر آهين ري گهر ني ڏي
پل پل تو ڪان ٻنندو ڪير

پنهنجي خاطر سڀڪو جيئي ٿو
ٻني جي خاطر مرندو ڪير

هالا پنهنجي هوت سوا هت
حامي حشر ۾ ٿيندو ڪير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي

جا ڪلهه هئي مهائي سا اڄ راڄ رائي

ٻنان ناز نوري سمي کي سينبائي

هزارن جا هيرا ونن ۾ وراهي

غريبن کي ڳولي گهرن مان گهرائي

سمي جي ثمر جي هئي ذر ڪان ذڄائي

نڪو ناز نخرو نڪا هئي وڏائي

مگر جٽ جلرن سمي کي سينبائي

ڪنجهر جي ڪنڌيءَ تي سورنهن ساماڻي

ٿيون معاف مڙئي ڪنجهر جون ڪمايون

مهاڻن مڙن تي ٿيون آهن ڀلايون

ڪري تخت تابع آ ويئي مهائي

هتي هالا هٽ کي ذرو هنڌ ناهي

نمي سو ڪٽي ٿو وڏا ويا ٻڏائي

خبر ناهي شيطان جي جو مت منجهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" ڪافي "

ساجن تون سڀ هنڌ ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

روز ازل کان راڻل تو سان قرب وڌو آ ڪمند
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

سو سو سجدا يار ڪندس مان جيسين تن ۾ تند
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

گهر تہ خدا جو زاهد آهي ڪر نہ دريون تون بند
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

سڏ ڪرين تون سوليءَ لاءِ ڪيئن ڪيا بون ڪنڌ
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

ملان قاضي مونکي ٻڌايو پرين جا هي پسند
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان

هالا هي جڳ عبرت آهي سائينءَ جو سوگند
ڪهڙي پاسي پير ڪريان مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”ڪافي“

مارن ساڻ منهنجون آهن جيءُ جڙيون
الله لڳ عمر تون تپي ڏي نہ تڙيون

ترن منجهہ تريليون ٿيون ڳهيتا ڳهمائين
ورن ساڻ ويهي ٿيون محفل مچائين
وجي مان بہ ملنديس گذاري ڪي گهڙيون

سنگهارين جا سهڻا چنا آهن چپر ۾
پين ڪير پاريون وراهي وڳر ۾
مچن ڪي مروڙي منجا پنهنجا مڙيون

عمر تون اسان سان جڏي ذي عداوت
الله لڳ ادا تون سخي ڪر سخاوت
مري نيٺ ويندس ڪري روز رڙيون

هالا هت اباڻا هتي مان اڪيلي
نڪو ماروئڙ سان نڪا ساڻ سهيلي
وطن پنهجي وينديس ٻجي ڪلف ڪڙيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## * ڪافي *

قدم قدم يار وڌائي - منزل ويجهي آهي

پنهنجي ٻنيءَ ۾ پنهنجي هٿن سان
هاري هرهلائي - منزل ويجهي آهي

محنت سان تون ملن اندر دم دم دونهن دکائي
منزل ويجهي آهي

رنبو ڏاٽو هٿ ڪهاڙي ڪوڏر خوب ڪمائي
منزل ويجهي آهي

سردي گرمي سهي تون سر تي پنهنجي پوک پچائي
منزل ويجهي آهي

جنهن سان جاڳي قوم اي هالا گيت اهڙا تون ڳائي
منزل ويجهي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

نٿي توکي سري    نٿي مون کي سري
شل پاڻ نه ٿيون    هڪ ٻئي کان پري

تون ته يار گلن جو گل آهين،
تون ته موتي سچو ٻي ملهه آهين
مونکي ياد مٺا پل پل آهين
منهنجو جيءُ ته جدائيءَ روز ڳري

تنهنجو جوڙ نه ڪنهن کي جوڙي سگهان
توسان ناتو نه نينهن جو ٽوڙي سگهان
مٺا منهن پلا ڪينن موڙي سگهان
توکي ياد ڪيان پيو آهون ڀري

منهنجون يار اکيون آهن لڙڪ ڀريون
تو لئي واجهه وجهن تولئي يار ڇريون
اچي توکي ڏسن ٻيجي در ۽ دريون
اچ تون ته اندر جي باهه ٻري

توکي يار سڄڻ پيو ياد ڪريان
تولئي در در پيو فرياد ڪريان
توکي ياد ڪريو دل شاد ڪريان
هالا شل ڪو وصل جو نه واءُ وري



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

## ڪافي

ادا آئون اباڻان وهان ڪينن وساري
ڏسان رند ڏوٿين هنجون روز هاري

ميان مون مارين ۾ عمر ڪانہ آندي
الله من ڪي آئي پنوهارن جو پانڌي
ويا سال گذري سنگهارن ڪي ساري

عمر ڪر عنايت وطن ڏي وڃڻ جي
اتہ سک اندر ۾ پنوهارن پسڻ جي
جهوپاتن جهانگين جا ڏاتر شل ڏيکاري

لوئي لڄ منهنجي پٽولا نہ پهريان
ادا مون اباڻان اکين کان بہ اوريان
مگر قول پنهنجو قضا ويندي پاري

منا مارو ايندا هتي اڄ سباڻي
وٺي مونکي ويندا سي سانگي سڄاڻي
هالا شال هادي پلر مون پياري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”ڪافي“

عمر ويل آئي وطن ڏي وڃڻ جي
ڪر ڪانه هاڻي ادا تون جهلڻ جي

ڪري رنگ ڪارو ته آسمان آيو
جنهن جهڙ ڦڙ جهالارو وڃن سان وسايو
آئي مند موٽي مينهن جي وسڻ جي

سانگي ڪن ٿا سڪ مان ڪنبيون ڪاج پنهنجو
ڏٿ ۽ ڏونرن تي ڪن ڪاج پنهنجو
ڪريون روز ڪونسل پيرون جي پٽڻ جي

ڏوٿين ڏاران هي ڏيل ڪو تن ۾ ڪنبي ٿو
سندم ساهه سانگين ڏي سدائين سنبي ٿو
ڪني ڪانه مون سان مارئيچن ملڻ جي

جمع جهوري جيءُ ۾ اباڻن جي آهي
اها آس منهنجي پرورشل پچائي
هالا حب هميشه پلر جي پيئڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪافي *

آئين جي ڳوٺ ۾ تون          مون تان نه پڇج پيرو
جهنگل ۾ بارجاني          منهنجو اٿني هي ديرو

توسان عمر مون پنهنجي گڏجي گذاري ساري
قسمت ڪيو جدا اڄ قسمت جو آهي ڦيرو

تنهنجي اچڻ سان مونکي          ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي
توتان فدا ڪيو مون          جند جان جگر ۽ جيرو

ڪنهن ڏينهن به جوڙ جاني ڪنهن کي نه پنهنجو سمجهيم
ليڪن لحد ۾ اڄ آ          منهن هي مٽيءَ سان ميرو

منهنجي ٻچن سان هردم          محبت سان پيش اچجين
منهنجي ٻچن کي ڪڏهن          ڪنهن هنڌ نه ڇڏج ميرو

ٻه چار گل قبر تي          هالا تون رک خدارا
ڪڏهن اچي سويرو          ڪڏهن اچي اويرو



www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

## ڪافي

اڳڻ پرين جي ايندا ته ٿورا اوهان جا ٿيندا
رات ڏينهان جا دلڙي روئي ڏڍ انهي کي ڏيندا

جهنگ جبل سڀ جهاڳي جهاڳي ٿرن برن جا ٿڪندي
ٻانهي گولي سمجهي سائي نذر نماڻي نيندا

ڪانگل قاصد ڪيچ اماڻي ڪيچي سڀ هت ڪوٺي
رات سجي هو ڪري رهاڻيون ڪير ڪنديون ويهي ڪيندا

ايندا ايندا آخر ايندا محب منا هت ايندا
جوڳڻ بنجي جانب جاني گولي نيٺ ڳڏيندا

ننڊ نڀاڳي سوريءَ واري سنجهي سنجهي مان آئي
هاڻي هالا هوت وري مون جولي ڪين جڏيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

هڪ حال محرم پنهنجو يار ڪجي
خالي ٻني ڪان نہ پاڻ کي خوار ڪجي

جڏهن سخت ستم تو يار ڪيو
تڏهن ٻاهہ برهہ جي بيمار ڪيو
تنهنجي نينهن منا نروار ڪيو
هاڻي دوست پنهنجي کي نہ ڏار ڪجي

وڻ رمز برهہ جي    تون راهہ سچي
ڪر ڪين ڪڏهن    تون ڪار ڪچي
ٿنين لال پتنگ    جڏهن پاڻ پچي
تڏهن ذوق پنهنجي کي ظاهر ڪجي

تنهنجي حسن منا    آهہ حيران ڪيو
ماري ماڻن سان    تو مستان ڪيو
ٻجي ڪان برهہ    تو نشان ڪيو
هاڻي يار ازين سان آذار ڪجي

آهي هالي جو    هيڻو حال ٿيو
جدا يار جيئڻ    نہ جنجال ٿيو
دم دم دل ۾ اچي    اهو خيال ٿيو
جنهن دل گهري سو دلدار ڪجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

ايندم يار عجيب        ڳس پڄاڻ پيو ڏس پڄاڻ پيو

درد منهنجي جو دارون درمل  ڏيندو يار طبيب
ڳس پڄاڻ پيو ڏس پڄاڻ پيو

جيڪو جدا آهي جاني جيئري    ٿيندو نيٺ قريب
ڳس پڄاڻ پيو ڏس پڄاڻ پيو

آهيان اداسي جنهن جي ڏسڻ لئي  ايندو يار حبيب
ڳس پڄاڻ پيو ڏس پڄاڻ پيو

هالا هجان مان سڄڻن سامهون اهڙو ٿئي ڪو نصيب
ڳس پڄاڻ پيو ڏس پڄاڻ پيو



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

جوڳي هليا ويا        سامي هليا ويا
پنڌ پڇاڻي پورب جو        راول رات ويا

مک تي مرلي ڪندا ڪنن ۾ ڪهڙي ديس ويا
جوڳي هليا ويا. سامي هليا ويا

ٻڪري بابو وجهي ڪلهن ۾ هو رات ورات ويا
جوڳي هليا ويا        سامي هليا ويا

ڳن ڳروءَ ڪان سامي سڪيا - سڪيا ڪين ٻيا
جوڳي هليا ويا  سامي هليا ويا

هالا هو هنگلاج ويا - اڄ ماري سڱ سيا
جوڳي هليا ويا - سامي هليا ويا



www.sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

هڪ منهن ٻاهر ڪيڏي ۽ ٻي منهن اندر وجهو
مڙس کي مانجهي وجهو ۽ ڪانڌ کي ڪونڌر وجهو

هاڪ جنهن جي حسن جي هر وقت سڀ ٻڌندا هئا
سو سينگاري يار سهڻو لحد ۾ دلبر وجهو

جو ستو ني شوق مان ساري عمر غلمن منهن
تنهن کي آڻي قبر ۾ اي دوست ري بستر وجهو

وقت جو حاڪم هجي يا پير کو اولياء هجي
قبر ۾ آڻي رکي ميڙي منهن پٿر وجهو

هالي سان هاڻي وري مشڪل سان ملندا دوستو
کي وجهو ٻه چارگل ۽ کي عطر عنبر وجهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

عشق جي اوکي نماز
زير خنجر روز پڙهي تو

پاڻ ني مسجد پاڻ ني ممبر - پاڻ ني نازو نياز
زير خنجر روز پڙهي تو

اندر خطبو اندر واعظ - اندر سارو ساز
زير خنجز روز پڙهي تو

ڪينن منيءِ ۾ نور سمايو رازق جاڻي راز
زير خنجر روز پڙهي تو

هالا وسي ان دل ۾ مالڪ - جنهن ۾ سوز و گداز
زير خنجر روز پڙهي تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

گهڻو عشق ازل کان انعام ڪيني
چاڙهي سوليءَ سرڙو قتلام ڪيني

تنهنجا ناز گهڻا نروار ڏٺم
ٻيا رنگ عجب اسرار ڏٺم
ٻيا سر تہ ڏڙن ڪان ڏار ڏٺم
پر ڪونہ ڪنهن جو ماتام ڪيني

سچي سڪ منجهان سلطان ڪيني
ڏني قرب گهڻو قربان ڪيني
پر ڪونہ ڪڏهن ارمان ڪيني
نڪو اهڙو اصل ڪان انجام ڪيني

جنهن جو جهولو جهوليو جبرئيل جهڙن
تن جا ڪانڌي اڄ ٿا ڪين اچن
ڪندو ڪير تنهنجا ڌڙ تہ دفن
جيڪي عالم جا تہ امام ڪيني

ڪني ڪرم گهڻو هن هالي تي
جو قربان آهي تنهنجي نالي تي
ٿيو مست پرين جي پيالي تي
جنهن جو منيءَ منجهہ مقام ڪيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

چيم دلدار کي دلبر توسان نينهڙو نڀائيندس
چئين مونکي منهنجا عاشق توکان منهڙو مٽائيندس

چيم بيمار آهيان مان تنهنجي ديدار لئي دلبر
چيائين خوش روز گهارين تو تنهنجو لاشو رلائيندس

چيم جوڳي نيس تولئي ڇڏي ڪڙم ، قبيلا سب
چيائين اهو سفر آهي تنهنجو اجا در در رلائيندس

چيم آزي ڪري ڪنهن پر پرين توکي پرچائيندس
چيائين توکي خود بي خوف ٿي لٽن سان لتاڙيندس

چيم جلي جيءُ جمع جو روز جدائي ۾ تنهنجي جاني
چيائين هيڪر تون هالي سان سينو سيني سان ملائيندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

دل جوڻي رڻن جا آهي سبب
ڪيو تو سان قضا آهي ڪهڙو غضب

شاهي شان مليو آهي شهيدن کي
لڪي لعنت هني جا يزيدن کي
ڪونہ ترس پيو ڪو پليتن کي
جن ناحق ڪنو هو نوري نسب

دل درد منجهان تي دانهون ڪري
منجهہ عشق حسين جي روز رڙي
وهاڻي ڳوڙها ڳلن تان پئي نين ڏري
ڏسي غم اندر هيءُ سارو عرب

ڪي شهيد ٿيا ڪي شيطان ٿيا
ڪي غازي ٿيا ڪي بي ايمان ٿيا
ڪي مومن ٿيا ڪي مروان ٿيا
ڪن دين لڌو ڪن جڌيو مذهب

جن جو حامي هميشه هادي آهي
تن لئي شهادت شاهي شادي آهي
تنهن جي هالا هميشه آبادي آهي
توکي آهي مليو نہ فقيري لقب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"كافي"

هڪ ڏينهن اڱڻ اسان جي پيرا پرين گهمائي
سالن کان تو سڪايو هاڻي نه تون سڪائي

سهڻا اڃان به آهن هر ملڪ ۾ هزارين
مون کي قسم آ جاني تنهنجو ڪو جوڙ ناهي

هڪ تون رهين ٿو دل ۾ ٻئي جو نه آ نڪاڻو
اکين منجهان اچي تون جيءَ ۾ ٻڌائي جاني

جيڏانهن ڏسان ٿو جاني سامهون آ تنهنجي صورت
اکين نه تاب جهليو سر کي جڏيم جهڪائي

آزيءَ سوا اسان وٽ سائي ٿمر نه آهي
هالي سان ناتو نينهن جو نرمل اچي نڀائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

آئون بنديائي بند ٻ منهنجا مارو رهن ملير ٻ
قيد ڪيو مونکي مير عمر تو زوريءَ آهه زنجير ٻ

موني ويندبس ملڪ جي هوندو ساهه سندم سرير ٻ
عمر سڄي مون ڪاني ٿر جي آهي ڏڏڙي هير ٻ

طعام تنهنجي کان لذت گهڻي آ ڳاڱي ۽ ڳنڍير ٻ
ماکيءَ مصريءَ جهڙي لذت ڪاهوڙين جي کير ٻ

سهڻيءَ ٻوڙيو پاڻ کي وڃي دريا جي وچ سير ٻ
آئون مران ٿي ماڏي هٿ سانگين جي نه اکير ٻ

حال اندر جو هالا آهي نيڻن ٻرني نير ٻ
ڏنو ٻلا جا عمر ادا تو منهنجي هن تصوير ٻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"كافي"

عمر دل اداسي پنوهارن لئي پل پل
كري ظلم زوري ادا تون نہ جهل جهل

عقل ۽ اصل كان هيس مان اكابر
مون كي مير تنهنجو نہ ڊپ هو بسراسر
مگر هن قضا جي پيم كانہ كل كل

ويڙهيچن ڏي ويندس هتي كين رهنديس
وڃي سور ساري ادا تنهنجا ڏينديس
اكين آب هاري مثان ڳوڙها ڳل ڳل

سنگهارن كي ساريان هنجون روز هاريان
جني سگ سباكو هتي كنين گهاريان
ڏسي محل ماڙيون ادا تنهنجي محفل

هالا هن كوٽن ۾ قضا آندو مونكي
لكيو انگ اصل كان ڏيان ڏوهہ كنهن كي
مارن ري ميان هت جيڻ منهنجو مشكل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## كافي

بوند برهه جو بادل آيو ويڙهي منهنجي تي ويس كري
ڏكن سكن جا مينهن وساء اڳڻ منهنجي تي ڏري ڏري

دلبر ويترو ديس پنهنجي ڏي هت جي منهنجو نـو جهري
اهو الله ڏينهن كڏهن كندو جڏهن پرين ايندو پير ڀري

عشق اصل كان آهي اٿانگو كونه اچي كو تنهنجي اري
عشق جي منزل اصلئون اوكي جو پير ڏري سو پاڻ مري

لوك لكين ڏي طعانا ميهڻا پرين تيو آ توكان پري
آس اندر ۾ آهيم اها ني واء وصل جو شال وري

هالو هميشه آهي اداسي راهن اندر پيو روز رڙي
دلبر ڏارن ديس پنهنجي ۾ كاج كنا هت كينن كري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

سڪايل ڪي ڏسي سهڻا نه لالن پوءِ لڪڻ گهرجي

اها عادت اوهانجي آ توهان ڪي سا ڇڏڻ گهرجي

دلاسو يار ڏيني دل ڪي ڪني قابو تو قربن ۾
پرين پهرين پيار ڏني نه راڻل پوءِ رسڻ گهرجي

لاڳاپا لوڪ جا لاهي رکيم ياري فقط توسان
اهڙي عاشق سان هردم منا توکي ملڻ گهرجي

تنهنجا ماڻا منهنجي محبت تنهنجي شوخي منهنجي نٽرت
تنهنجي نه نه منهنجي منٿ منا توکي مڃڻ گهرجي

هٿي هالي ڪي تو هڪدم ڪيو گهورن سان آ گهايل
فراقن جي ڦٽيل دل ڪي پرين توکي پڇڻ گهرجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "ڪافي"

خوشيون اڄو ملهايون — ٻارن سان عيد ٿيندي
چنڊ جي تـه روشنيءَ ۾ — تارن سان عيد ٿيندي

ويجا سڀني وساري — دلبر ڪلي ملون اڄ
جاڻي ٿو يار سڀڪو — پيارن سان عيد ٿيندي

گلشن ۾ گل ٽڙيا ءِ — وڻ وڻ ٿيو آ ساوو
مسرور آهي بلبل — بهارن سان عيد ٿيندي

خوشيون ڪٺي هزارين — هيءَ عيد پڻ اچي ٿي
سهڻن جي هاڻ سهڻي — ڪارن سان عيد ٿيندي

هالا هتي خوشيءَ جا — بادل تـه آيا پرجي
منهنجي تـه هاڻ پنهنجي — ٻارن سان عيد ٿيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

واٽ ويندن سان وڙهي تو ظلم جي ڪئي انتها
ياد ڪر پنهنجي اڳوٽي دوستي اي بيوفا

ساعت جا مهمان آهيون تنهنجي گهر مهمان نواز
پوءِ اسين توکان جدا ۽ تون به ٿي ويندين جدا

ڪين تو ڪاڏو ڪپي ۾ ڪين ڪر تڪليف تون
بس اسان کي ٿي ڪپي تنهنجي منا خالي وفا

تنهنجي صورت جي مٿان مان چنڊ سج گهوري ڇڏيان
تون حسينن کان حسين ۽ تو فقط جائي خدا

طور تي تجلو ڏٺوسون پير ۾ تنهنجي پدم
مان فدا ناهيان مگر ساري دنيا تو تان فدا

تنهنجي محبت جا هٽي مان گيت گهر گهر پيو چوان
تون هٽي هالي جي دل ۾ پيو وسين هر دم منا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

جدا جاني نہ ٿي مون ڪان نہ منهنجي دل جلائي تون
اڃي هن حال ۾ پيارا مني ۽ ڪي منهن پسائي تون

ڪريان ڪنهن سان ڳجهيون ڳالهيون سوا تنهنجي سڄڻ سائين
خدا جي واسطي دلبر سندم آزيون اونائي تون

منل مستان آهيان مان تنهنجي ديدار لئي دلبر
سڄڻ صورت مون عاشق ڪان نہ لالن سا لڪائي تون

اندر آهن لوڪ ۾ سهڻا مگر محبت منهنجي توسان
پهري پوشاڪ اڳڻ منهنجي پرين پيرا گهمائي تون

ڪيم سائل ٿي سڏڙا تنهنجي درتي منهنجا جاني
هجي جا آس هالي جي سا پرين پل ۾ پڄائي تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

سڄڻ مون کي وساريو تو | نہ توکي مان وساريندس
وجي وڻڪار ۾ ويهي | آئون اوني اوساريندس

رُوني رت سان رنگي ڪپڙا | تو لئي جوڳڻ ٿينديس جاني
چڙهي جبلن جي چوٽيءَ تي | پرين توکي پڪاريندس

ڪيم سڏڙا سڄڻ توکي | پرين پڪار ناهي پهتي
انهيءَ ارمان ۾ آئون | هنجون نت روز هاريندس

جڏي جيڏيون ويو جانب | ڏيني سوغات سورن جي
سنڀالي ساهہ اندر تن کي | پنهون پنهنجو پچاريندس

حويليون هت جڏي هالا | وڃان پني ڪيچ ڏي ڪاهي
پڄاڻي پنڌ پرين جا | وڃي نرمل نهاريندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

ڏس دور دنيا جا دلبر جاچي صورت جا سلطان ڪني
صورت جا سلطان ڪني ۽ محبت جا مهمان ڪني

جن پاڻ سڏايو پاڻ چٺي سي قادر تڙيا لعنت ڏني
جن بت پرستي بيحد ڪني سي شمر اهي سلطان ڪني

جن نام خدا جو ڪين سڃاتو پيسي کي جن پير ٿي ڄاتو
خوف مرڻ جو بلڪل نه ڄاتو موزي اهي مروان ڪني

جن باغن اندر بهاري هني گلن ڦلن گلزاري هني
لامن ۾ للڪاري هني اڄ گل اهي گلستان ڪني

هالا هڪڙو يار ڏنم هن پار ڏنم هن پار ڏنم
قدرت جا اسرار ڏنم ننگر ڪني ملتان ڪني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

يا خدا ڏسندس ڪڏهن مان دل گهرني دلدار کي
ساهه سڪي جنهن لئي سدا تنهن من گهرني منٺار کي

هر گهڙي دل تي هري سو سڄڻ آهي پري
واءِ وصل جو شل وري هن برهه جي بيمار کي

نيڻ جنهن جا تير آهن زلف پڻ زنجير آهن
جا چوان بي پير آهن جن آ ڦٽيو نادار کي

جڳ اندر جاني ڏنم نه ڪو سندس ثاني ڏنم
ڪجل جي ڪاني ڏنم سونهن پرني سردار کي

هالا دل حيران آ من متي ارمان آ
فاني سڄو هي جهان آ ساراهي پيو ستار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

سجڻ سرهي توتان آهه قربان منهنجو
ٿيو من محبوب هي مستان منهنجو

رئان رات و ڏينهان سجڻ تنهنجي سڪ ۾
ٿيو باغ دل جو سو ويران منهنجو

ڏسان ڪونه محرم سوا يار تنهن جي
ٻڌو دوست دردن جو داستان منهنجو

اچي محب ملندو مون سان مهر ڪندو
انهيءَ دم هي ويندو سو خفقان منهنجو

رکيم تنهنجي اڳيان نذر دلڙي پنهنجي
ڪيو دوست منظور هي نذران منهنجو

ڪريو قرب جاني هالي سان هردم
ٿيو روز شب هيءَ آهي اعلان منهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

سجڻ ڏاران سدا سرتيون رهان غمگين ٿي هر هر
نهاري رند راڻل جا رڻان غمگين ٿي هر هر

برهه جو بار آهي ڀاري آيو سر تي منهنجي سرتيون
سانڍي آئون عشق اندر ۾ گهمان غمگين ٿي هر هر

جدائي يار جانيءَ جي ٿيو ماتم مون لئي جيڏيون
ڳاڙي ڳوڙها ڳل پنهنجا ڏوڻان غمگين ٿي هر هر

الاهي آس هيءَ منهنجي پڄائي تون سکهو پرور
سوا تنهنجي نه مان ٻني ڪي چوان غمگين ٿي هر هر

هالي جو حال هي سارو آهي معلوم سب توکي
دلارا درد جا دفتر لکان غمگين ٿي هر هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

تنهنجي ديدار درشن جي اکين کي انتظاري آ
صبر ساڄن ذرا ناهي ٿي بلڪل بيقراري آ

پتنگ وانگر پچن پنبڻيون تنهنجي جلوي خاطر جاني
برهه جي بوند جا برسي اکين ۾ آب جاري آ

نڪا آ ننڊ نيڻن کي نڪو آرام اندر ۾
جدائي ۾ تنهنجي جاني روئي مون رات گهاري آ

نه تو تي حرف ڪو هڪڙو ميارون يار سب مون ڏي
هالو هر حال ۾ بيشڪ تنهنجو تو وٽ مباري آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# • ڪافي •

وارو وڃائي پنهنجو — بارن ڪني موڪلائي
آئي هوا خزان جي — بهارن ڪني موڪلائي

مثل حباب آهي — مٽي نو جي زندگي هت
تہ تہ ڪري نگاهہ ڪان — تارن ڪني موڪلائي

هي ڇهڇٽو چمن جو — جهٽ پٽ ويو هليو اڄ
گل جي ڪجهي وڃڻ سان — خارن ڪني موڪلائي

جنهن جي طفيل ڪنهن جي ـ آباد هئي جا دنيا
تن بيڪسن جي بارو — سهارن ڪني موڪلائي

سامي سويرو هليا — اڄ جوءِ ڇڏِي آ جوڳين
مرلي مٺين ، موتين — ڏارن ڪني موڪلائي

پاٽي سڪو اکين جو — ڪنهن جي فراق ۾ اڄ
ڳوڙها اڇن ڪٿان جو — نارن ڪني موڪلائي

هالا سفر حياتي — جو منزل تي آهي پهتو
آيا اڃا مٿي تي — ڪارن ڪني موڪلائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

بي وفا او بي وفا او بي وفا
بيوفا تنهنجي ڪري بدنام ٿيس

مون عزيزن کي ڇڏيو، مون قريبن کي ڇڏيو
تو نه ڪئي مونسان وفا ـ بي وفا او بي وفا

تو ڪيا وعدا گهڻا توکي نئو اڄ مان وڻان
مون ڪئي ڪهڙي خطاـ بي وفا او بي وفا

مان رڳو ان ڪاڻ رهيس، نه تڏي الجي ويس
جنهن ڪئي تنهنجي گلا بي وفا او بي وفا

اڄ پرين پرچون وري تو ڪانسوا، ويندس مري
بيٺي مٿان آهي قضا بي وفا او بي وفا

مان روئان لوڪان لڪي تو لئي هتي سهنا سڪي
آئي وري توکي خدا بي وفا بي وفا

هوش هالي جو ويو جنهن دم نظر توتي پيو
جاني نه ٿي مون کان جداـ بي وفا او بي وفا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## كـــافي

خدا سان جي ائني ملٺو پري پند کو هتان کونهي
سچائيءَ جو ثمر ڪڻ تون هتي بيو کودکان کونهي

نمازون روزا رک ساري قيامت جو ائني تحفو
هتي آ پاسبان قرآن هتي کو پاسبان کونهي

بـ ني ڏينهن زندگي آهي جڏي سامان سب ويندين
هتي هر کو آ سيلاني هتي کنهن جو مکان کونهي

قصا دودي چنيسر جا زبان تي ياد سب توکي
عمر ساري وني گذري پڙهيو تو آ قرآن کونهي

نصيحت کر نـ تون کنهن کي سدا رهـ مان ۽ هالا
هتي عالم ائني گهر گهر انهن کي جا ڏيان کونهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" ڪافي "

قرب جون ڳالهيون ڪري ، پوءِ ڪڙائي ڪيم ڪر
منهنجا جاني منهنجي جيڙي تون جدائي ڪيم ڪر

مان تيس حيران هت تنهنجو ڏسي جلوو جمال
ٻي وري حيران هتي ساري خدائي ڪيم ڪر

منهنجي ، محبوب وچم تون نه وجهه ويجو رقيب
واسطي الله جي لائي لڳائي ڪيم ڪر

مان پيس تنهنجي پناري سب جڏي پنهنجا عزيز
تون منا مون ساڻ هت ڀهڳڻ ڀيائي ڪيم ڪر

ڪر نه هالي ساڻ هاٿي تون جدائي جو بيان
با وفا اي باوفا تون بيوفائي ڪيم ڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪافي"

اڄ عيد جي ڏهاڙي اي بيوفا رسين ٿو
ماٺهو سڀني ڪلاڻي منهنجا منا رسين ٿو

نالي خدا جي دلبر مون کي اهو ٻڌائي
منهنجو گناهه آ ڪهڙو تون دلربا رسين ٿو

هر ڪو گلي ملي ٿو يارن سان يار پنهنجي
مون کان بلا ٿي ڪهڙي آهي خطا رسين ٿو

جيئرن سان ٿينديون عيدون جيئرن سان آهن ميلا
آخر فنا آ سڀ ڪو تون ماه لقا رسين ٿو

هالو هتان جي ويندو نه موٽي وري نه ايندو
مهمان ساڻ پنهنجي بنده خدا رسين ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

عشق ڪٿ اوڪو اٿني
عشق ڪٿ سوڪو اٿني
عشق جي ناهي اندر ۾
ٻٽ سچو ڪوڪو اٿني

عشق جي آهي مجازي
ڪوبہ تنهن ۾ ناهي راضي
ٿي وڃي توڙي نمازي
جان جو جوکو اٿني

عشق آ موتي سچو
ناهي ڪو ڪنگڻ ڪچو
دل ۾ هٿي دم دم ڏچو
دنيا سچي دوکو اٿني

عشق خود آهي امام
عشق خود سجدو سلام
عشق جو اعليٰ مقام
عشق جي چوکو اٿني

عشق ري انسان آ
جڻ ٿيو حيران آ
۽ ڏسڻ ۾ خان آ
پر گهڙو ٻوکو اٿني

عشق نورنون نور آ
۽ نور مان ڀرپور آ
عشق هالا ڏور آ
نينهن اهو نوڪو اٿني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

وڄي پيغام ڏي پانڌي — منهنجي پاران محبوبن کي
خدا جي واسطي روني — ڪڄين آزي عجيبن کي

برهه جي باهه ٻرڪي پئي — سوا تنهنجي سڄڻ سائين
وساري ڪيم ويهه دلبر — اچي مل تون غريبن کي

سدا ساري سڄڻ توکي — ٿيا هي سند سب ساٿان
چڪن ٿا چاڪ جي تولئي — ڏيکاريان جا طبيبن کي

جدائيءِ حال ڪيا هيٺان — اچي وارث وسيلو ٿي
ڪريون ڪي وصل جون ڳالهيون — رلائي جڏ رقيبن کي

نهاريان رند ۽ راهون — ڪڏهن منهنجي اڱڻ ايندين
ڪيو قسمت جدا مونکي — ڏيان ٿي ڏوهه نصيبن کي

اجهو عالم سندو آهين — اچي هالي جو حامي ٿي
منهنجو پيغام اي پانڌي — پهچائج تون حبيبن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "ڪافي"

دل ويو دلبر ڪٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري
ڪان ويو قربنون هٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري

هڪ نگاه ناز سان ــ هو گهر ويو دل ٻه ڪري
ڪٺين مونکي ڀيرن پٺي ڪي منيون ڳالهيون ڪري

غير مون جنهن کي نـي سمجهيو ــ نـي رهيس جنهن کان جدا
سوني ٿيو دل جو ڏٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري

تون منو ماڪيءَ کان دلبر ــ گفتگو تنهنجي مني
وڻين مونکي ڏاڍو وٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري

تاجي ڀينو تار جو ــ ۽ برهه جي ٻٽجي ٻڌي
دل جا وڻين داڳا اٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري

دل جي شيشي کي هو هالا ويو ڀجي ٽڪرا ڪري
واهي ويو هيري ڪٺي ــ ڪي منيون ڳالهيون ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي

پيني جان جان ۾ حبيبن جي آئي
ملي نئين حياتي حسينن جي آئي

وڏا وير آيا ڪئي قاضي آيا
وڏيو رنگ محفل اديبن جي آئي

خوشيءَ ۾ خوشي ٿي لٿو زنگ دل تان
رهيو ڪونه ويري رقيبن جي آئي

پسن ڪان ڪنجي پساهه مون کنيا ٻي
ٽيو جان کي خطرو طبيبن جي آئي

اصل کان اسان ۾ وڏا وير هتا پر
ويا سي ته وسري قريبن جي آئي

اها تنهنجي دولت اها تنهنجي شهرت
وڏي آ جهان ۾ غريبن جي آئي

زبان منجهه شيري زبان جو زخيرو
وڏي وڻ ٽيو اڄ اديبن جي آئي

هتي جن کي هالا عمر ڀر وڏائي
ٿيا زيرها سڀ نصيبن جي آئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" ڪافي "

حياتي جي هوندي    ملي يار ويندو
اسان سان اچي هو    ڪلي يار ويندو

ڪيا قول جانب تو جيئري ملڻ جا
مري مان ته ويندس پڇلي يار ويندو

اسان سان جدائي ڪئي جنهن به جيئري
خدا جو قسم سو رلي يار ويندو

لڪائي لکن کان رکيم راز دل جو
روئڻ سان منهنجي کلي يار ويندو

سچائيءَ سان جنهن آ رکي يار ياري
انهي وٽ انهيءَ جو هلي يار ويندو

اهو جو نه روئي رنڊن منجهه هالا
رسي جنهن کان جيئري دلي يار ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" ڪافي "

عشق وارن کي ملان تنهنجي نصيحت جا ڪندي
بي اثر ، بي سبب تنهنجي هدايت جا ڪندي

ڪر نہ تون منهنجي دوا مان عشق جو آهيان مريض
برهہ جي بيمار کي تنهنجي طبابت جا ڪندي

ٿو سڪان جنهن لئي سدا سو سڄڻ شل مان پسان
تنهن سواءِ دنيا اندر ٻئي جي زيارت جا ڪندي

عشق کان آزاد جيڪو جان پنهنجي ٿو رکي
برهہ جي بازار ۾ تنهنجي سخاوت جا ڪندي

هالا منهنجو حامي آهي مصطفيٰ شيرِ خدا
عاشقن کي عشق ۾ ٻئي جي عنايت جا ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ڪافي "

ڪنڪن ڪيا سنگ — اور جنهين جا ڏنگ
رت ربيع جي موني آئي — ڪيڙيو ويهي جهر جهنگ

ماڪ مني سب ڪنڪون پڪيون ۔ رائي جا هي رنگ
ڪنڪ اسان جي ملڪ جي ڪائي ۔ عالم ٿيا اڙهنگ

مينهون ڳوريون مال متارا — چڙا ٻڏائون چنگ
جهنگ چري سي جو ۽ تي آيا۔ واري وڏائون ونگ

هاري ناري خوب گهمن ٿا — تازين تاڻي تنگ
پنهنجي شمع کي پاڻ ڏکائي — پاڻ ٿي پاڻ پتنگ

هالا هر دم ملڪ سڄي تي — سڪ ڪيا سارنگ
جهانگين سانگين مارن سان — تو ننگي ڪيا آهن ننگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”ڪافي“

ٻوڪي ٻج ٻنيءَ ۾ ٽاڪيون ٽري ٿو هاري
آسون رکي الله ۾ محنت ڪري ٿو هاري

ڪوسي ٿڌي جو عادي مشڪل نہ ڄاڻي مشڪل
پنهنجي ڏنڌي ۾ اڪثر وڃ جيڻ وري ٿو هاري

ٻڪيو اگهاڙو آهي ليڪن قسم خدا جو
پنهنجي وطن جي دل سان خدمت ڪري ٿو هاري

ساهي نہ ڪنهن سان سينو شڪوو ڪري نہ ڪنهن جو
سانو ڏسي سڀ ڪي دل ۾ ٺري ٿو هاري

ڪينو رکي نہ ڪنهن سان ڄاڻي نٿو ٻيائي
ڀاڙي سڀي سان ڀل ڀل ڀيرا ڀري ٿو هاري

جوني ڏڳن جو جوڙو ڪاهي ڪنن زمين کي
جونيءَ سان ڇيري سينو داٿا ڏري ٿو هاري

پنهنجي ني ٻوڪ ٻوڪي جاري سدا ڏڳن کي
ٻني جي ٻني نہ ڪڏهن ڇوريءَ ڇري ٿو هاري

هر دم رهي ٿي هالا حيرت اهاني مونکي
ٻڪيا جي ٻيٺ جڳ جا اڪثر ٻري ٿو هاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسدس • مرحوم محمد ابراهيم جي ياد ۾

سڀني راڳن روح سان ويو راڳ ڳائي
ڪيئن سنڌ ساني ، سارنگ سڻائي

سڄي سنڌ پنهنجي سڪائي ويو آ
سڀني بيت شاهه جا پڙهائي ويو آ
صبح و شام محفل مچائي ويو آ
جڏن کي ٻه گريو بنائي ويو آ
جڏهين رات ساري ته ويني وهائي
ڪيئن سنڌ ساني ته سارنگ سڻائي

هزارن جو ابراهيم • استاد آهي
نئون رنگ هنجو ته ايجاد آهي
سڄي سنڌهن مان ته دلشاد آهي
ته ،هن سان ڪنهنجي ڪا امداد آهي
ويو وقت پنهنجو هو وارو وڄائي
ڪيئن سنڌ ساني ته سارنگ سڻائي

پلي چو ته ماستر گذاري ويو آ
مگر مثل دليون جياري ويو آ
سڀني سر شاهه جا اجاري ويو آ
سڄي راهه سڀ کي ڏيکاري ويو آ
ويو راڳ سنڌي آ سارو ٻڄائي
ڪيئن سنڌ ساني ته سارنگ سڻائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو ڪو نه فاني — ڪو فنڪار جڳ ۾
سدا زنده آهي — منهنجو يار جڳ ۾
ٻين سان سنڀايو — جنهن گلزار جڳ ۾
پيو ياد رهندو — هو هر بار جڳ ۾
ويو ناتو نينهن جو سڀن سان نڀائي
ڪيئين سنڌ سائي تہ سارنگ سڻائي

صبح سانجهي ماستر — پيو روزگاني
ويو هو اسان کان — آ پردو مٿاني
هو جنت ۾ جاني — پيو محفل مچاني
جدا ڪيئن سمجهون — اسان ساڻ آهي
پيو بيت شاهہ جا هو شاهہ کي ٻڌائي
ڪيئين سنڌ سائي تہ سارنگ سڻائي

ڀٽائيءَ جي ٻر ۾ ڪريو ها دفن
قرآن جي پنن جو ڏيو ها ڪفن
آ جنت ۾ آباد جنهن جو چمن
روئي جنهن لئي هالا ٿو سارو وطن
ٻين جي تہ دنيا ويو هو جماڻي
ڪيئين سنڌ سائي تہ سارنگ سڻائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ابيات درشان گرونانڪ

سڀني سنڌونديءَ ڀيتو آهي ڀائي
گروءَ جي گيان جي ڀڏي اٿئون ڀائي
اڪيون ڪولي اندر جون جڏ صاحب سجائي
جن ويني وهائي ـ سي گڏيا وجي گر کي

درياءَ لال دل گهريا تون دل جو آهين دريا
ايندين ڪڏهن اسان وٽ اسان تولئي چريا
سهڻي ڏسي سير ۾ واڳو آهن وريا
جي جهولي منجهه جهليا ـ سي نه ڇڏيندا سير ۾

ٻيڙو ٻڏي ٻانهن ۾ تي راڪيءَ جو رکوال
اسين تنهنجي آسري جائي دريا لال
مڙيني مڏيون مال ـ گهوري ڇڏيون گهوٽ تان

ست نه سارين پاڻ ۾ نه ستي ڪين سڏاءِ
سوکو پنڌ سنسار جو مور نه ڀولي ڀاءِ
رانوڻ روپي تولئي وينو واجهاءِ
ستي ست بچاءِ ـ نه حرف نه اچي هالو چني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ليهه اکري سسئي پنهونءَ جي"

(الف) آڌيءَ رات جو ڪيو لالن لاڏاٺو
ڪيڇي ويو ڪيچ ڏي رند وٺي راٺو
جانب سواءِ جيڏيون مونکي سورن ڪيو ساٺو
گهمي گهٽ اندر گهاٺو، هالا هوت حبيب لئي

(ب) بلوچي بات ڪري، منهنجو پنهل نياڻون
منهنجا پيچ پنهل سان - جڳکي جتاڻون
جانب ڪاڻ جبل ۾ مون دکيءَ ڪيون داڻون
ڪهل نه ڪياڻون - هالا هن هيٺيءَ تي

(ت) ترت طمع رکي ڏنئون ڏاگهن کي ڏاڻ
مون ڀانيا مهمان منهنجا پر هو آيا پنهل ڪاڻ
ساجن نياڻون سيج تان آئون هيڪلي ٿيس هاڻ
پٺون ڪنڌير پاڻ هالا هوت حبيب لئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث) ثابت سور سوڪڙي جا ڏيرن آهي ڏني
آهيان هوت حبيب جي ونڌر منجهہ وني
هيڏي جاڙ جيڏيون مون سان ڪني آهي ڪني
ڪنهن پر آئون پني هالا ملنديس هوت کي

(ج) جدا ٿيو جيڏيون منهنجو جيءُ سندو جاني
آهيان تنهن عجيب جي آئون ٻانهن ٻڌي ٻانهي
ڪيچي ويو ڪيچ ڏي هٽي قرب سندي ڪاني
مٽ نہ ٻانيان ثاني هالا هوت حبيب جو

(ح) حيلا هوت لاءِ ڪريان هوند هزار
جي سار ٿئيم سرتيون تہ ڪيئن جڏيان دلدار
ڪين جڏيان ڪيچين کي آزيون ڪريان انتظار
هاڻي هالا هنجون هار پڄاڻان پرين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(خ) خوف ڏونگر جو آئون ڀينر ڪڀن ڀانيان
وڃان جام ڀنهل ڏي جنهنجي اصل آهيان
جوڳڻ ٿي جبل ۾ آئون ڀنهل ڀڄايان
هاڻي جبر جلايان هالا وڃي هوت لئي

(د) دوست دور ٿيو آئون رويو نهاريان راهه
جيڏيون تنهن جانب لئي سڪي منهنجو ساهه
ڀاڻ سڄاڻي ڀنهل تون اوري هلي آ.
والي وارڄ واهه ـ ته هالو ملي هوت کي

(ذ) ذات جتن جي آهي نوري نور نهال
نڪي ڳالهائين ڳوٺ سان نڪي ڳجهه ٻي ڪن ڳالهه
ڀنهون نيانون ڀاڻ سان تڏهين ٿيڙا ٿيم حال
هاڻي ٻلا ڪري ٻال ته هالو ملي هوت سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ر) رات آڌيءَ جو ڏير ويا اٿم ڏور
جيڏيون تن جتن جو مونکي سيني منجهه سور
پنهل جون پاڙي واريون مونکي پلپل پون پور
هاڻي ڪيچين ڪيو ڪلور هالا هن هيڻني سان

(ز) زوراور ذات جو مونکي ڏونگر ڏي ڪو ڏس
ڪاهي ويا آهن جي ڪيچ ڏي وني ڪهڙو گس
ڏسان هوند ڏيرن کي ته وڏو ڪريان وس
هاڻي هالا روني رس ڏونگر ڏوري ڏاگهن کي

(س) سات جتن جو تو ڏونگر ڪو ڏنو
اول نام الله جو ٻيو محمد نام منو
سڏ ڏيوم سرتيون ته راڻو جو رنو
اڄ ڪهڙو قهر ونو هالا هن هيڻيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ش) شال پرين اڳڻ منهنجي اچي
آيل تنهن عجيب جو من تي مچ مچي
آئي جا اري ۽ سا پينر ڪينن بچي
پنهل ڪاڻ پچي هالا هي ء سسئي

(ص) صدقو ڪريان آئون سجڻ مٺان سر
آيل مون اڻ جاڻ تي ڏيرن ڪيو ڏمر
هوتن ري ء هردم گهاريان منجهه گوندر
جلي پيس جبر هالا ڪاڻ حبيب جي

(ض) ضرب لڳيم ڪا زور جي، آئون بانبڻ جي بار
پوئي پڙهاوڻ رام ريجهاوڻ اي ء اسانجي ڪار
ڏڙ تي ڏوتيا ڪن وچ جٿيا لنبا چوٽي وار
پر صحيح سڃاتم يار هالا هوت بلوچ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ط) طلب تن اندر ۽ من اندر ماتام
التحيات الله آبو سپرين جو سلام
قادر پنهنجي قدرت سين هيءَ قائم ڪيو ڪلام
ڪن ريجهايو رام ڪي هالا رهيا حب ۾

(ظ) ظاهر زوري ڪري نيائون ٻاروچل ٻي پار
ڏونگر ڏوري ٿڪياس ڪونه ڏس مليم ڪو پار
هائي ڪٽي نين نهار ـ هالا هوت حبيب ڏي

(ع) عار ۾ ڪر اڳڻ تي، هوت هلي تون آءُ
پنهون تنهنجي پريت لئي سڪي منهنجو ساهه
جانب تنهنجي جدائيءَ ۾ آئون رئان منٿي راهه
هائي ڪانڌ بنا ڪا هالا جيئندي ڪيترو

(غ) غافل ٿياس اديون آئون اڻ ڄاڻ
ڪل نفسٌ ذائقه الموت مونکي اچن اهي اهڃاڻ
ساري ڄمار ڪوڙ ڪمايم آئون هٿ هٿان ٿي هاڻ
پنهون سڄائج پاڻ هالو حوالي تنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ف) فنا فڪر ۾ روني وهايم رات
سمهان تہ سور سپرين جاڳان تہ هيهات
اللهم صلي عليٰ سيدنا سڪي پڙهيم صلوات
ڏاتر ڏي ڪا ڏات هالي ڪي هجر ۾

(ق) قالو بليٰ جا ڪيم جن سان قول قرار
ڪوڙي ٿيس قريب وٽ اديون منجهہ اقرار
لڳيم ٻاڻ بروچ جا تڏهن هاڻ ٿيس هوشيار
صاحب تون ستار ـ هالو جڏ نہ هيڪلو

(ڪ) ڪانڌ ڪنيءِ جو اڄ وطن ڏي ويو
الله لڳ عجيب جو مونکي ڏونگر ڏس ڏيو
ڀينر هن ڀنڀور ۾ مونکي وهڻ وهہ ٿيو
منهنجو ٻيڄ پيو هالا هوت بلوچ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ل) لوک سجي ٻہ مون لالن ڏنا لک
ناهي مٽ پنهل جو جي پارک ڪن پرک
ريحان هوت حبيب ڏي جي پرور ڏئينم پک
جي رب رکين رک تہ وڃن سور سسئي جا

(م) مادر منهنجو هت ناهي سنگ سياء
آيل مون اڻجاڻ کي ڇڏي ڏير ويا
سڄڻ ڪارڻ سرتيون مونکي ڏورڻ ڏونگر پيا
ٻين ڪنيا ٻيا مون هالا ڪنيو هوت کي

(ن) نظارو نرمل جو آهي چوڏهين ماهہ چنڊ
محبت تنهن محبوب جي مونکي مادر وڌو منڊ
ويجهي نيس وصل کي پر ڪني رقيبن رنڊ
هاڻي ويڻي ڪريان ونڊ هالا سور هوت جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(و) واء وڇايم پير پنهل جا ننڊ وڃايم نينهن
آب اکين مان ائين وهي جينن وسي منڊائتو مينهن
رات وهايم روج ۾ ڏکيو گذاريم ڏينهن
جتن ڪيو جينن تينن هالا هوت نه ڪري

(هه) هوت هنج ۾ مليو سسئيء کي سهي
سندرو بڌائين سچ جو ويا ڏک ڏولاوا لهي
هالا هن هيٺيء تي مولا مهر ڪئي
رٺن منجهه رهي پنهل ڪيائون پنهنجو

(ه) لالن لطف تنهنجو هر ڪنهن تي هوني
ڏکيو وقت ڏيه تي شل پرور ڪين پوني
ڏسيو عيب عجيب اگيان هالو هر دم روني
منهنجي لڄ مٿوني آئون عيبن هاڻي آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) اصل ڪان اديون نه ڪيم ڪنڻ جي ڪار
عمر وڃايم عيش ۾ ڏسي دنيا جو ديدار
فائق پنهنجي فضل سان - هيءَ بخشين تون بدڪار
عالم جا آذار - هالو حوالي تنهنجي

(ي) ياد دل تي رک ڪلمي جو ڪلام
فائق پنهنجي فضل سان وڃائج اسلام
جلوو پساءِ جمعه ڪي مير مديني جا جام
جاني ڏي ڪر جام هڻن سان هالي ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هو جمالو"

آهي منو نالو رب جو — هو جمالو
جيڪو مالڪ آهي سب جو — هو جمالو

مونکي لالڻ تنهنجي لوري الا — منهنجي جنڊڙي توتان گهوري الا

آهي ملڪ اسان جو پاڪ الا — جنهنجي اکين منـي خاڪ الا

ڏسي ساوا وڻ سنڌ جا — آيا ماڻهو مڙي هند جا

لابارو آه ڪنڪ ۾ — بلبل ڳائي ڦنڪ ۾

هتي مينهن جي مانداڻ آه — چوڏهين جي چانداڻ آه

آهيان پنهل آنون پنڌ ۾ — تنهنجي سڪ سند سند ۾

اسين پاڻي پريون ڪوهه تان — نثو راڻو لهي روح تان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلو سکر بکر پيئيون — جهلي تازو پلو پيئيون

اڃا پکي ڍنڍ تي — ماٺهو هليا چنڊ تي

ساريون پليون سنڌ ۾ — ان جون پليون سنڌ ۾

اسين ماٺهو جهنگ جا — ننگي آهيون ننگ جا

ماتيءَ تي مهراڻ ترون — پنهنجي عزت ڪاڻ مرون

ڪونجون ڪرڪن سنڌ ۾ — ماٺهو مرڪن سنڌ ۾

مال اسان جو وس تي — هليا وڃون ڏس تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu